Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
TM-Reg:465078

جلد:27 ڇنڇر 15 مارچ 2025 ع بمطابق 14 رمضان المبارڪ 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 121

سموري سنڌ ڪئنالن خلاف هڪ ٿي وئي، وستي وستي ، واهڻ واهڻ مظاهرا، ريليون، ڌرڻا

ڄامشوري ۾ سنڌو درياهه جي ڪناري مختلف تنظيمن طرفان سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي ريليون ڪڍيون، ٺٽي ۾ سنڌ جي آخري پل دولهه دريا خان تي مختلف سياسي، سماجي، علمي ۽ ساڃاهه وندن طرفان سنڌو کي پيتا پيش ڪئي

حيدرآباد ۾ جسم چيئرمين رياض چانڊيو ۽ مٽياري ۾ اياز پليجو جي اڳواڻي ۾ ريليون ڪڍيون، لاڙڪاڻي ، پرياسٽي، دادو، ميهڙ، غوثپور ڪوٽڙي، سيتاروڊ ،راڻيپور ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

ملير، ٺٽي، ڏهرڪي ، هالاڻي، محرابپور، سيوهڻ، ڪنڌڪوٽ،دولتپور صفحن،نوشهروفيروز، نصيرآباد، خيرپور ناٿن شاهه، ماتلي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ۽ ريليون ڪڍيون ويون

ڏاڍ تي ڪئنالن اڏڻ وارو فيصلو قبول ناهي، ڊيلٽا ۾ پاڻي ڇوڙ نه ڪري سمنڊ لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي، زبردستي سنڌو مان پاڻي کنيو ويو ته نتيجا خراب نڪرندا: اڳواڻن جو خطاب

ڪراچي (نمائندن وٽان) سموري سنڌ سنڌو تي نوان ڪئنال اڏڻ خلاف هڪ ٿي وئي، وستي وستي ، واهڻ واهڻ مظاهرا، ريليون، پيادل مارچ ڪرڻ سان گڏ ڌرڻا هنيا ويا . حيدرآباد مان بيورو مطابق درياهه جي عالمي ڏهاڙي تي سنڌو جا وارث جاڳي پيا، سنڌو درياهه کي گلن، گيتن ۽ هولي جي رنگن سان زبردست/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

مٽياري ۾ اياز لطيف جي اڳواڻي ۾ مارچ ڪيو پيو وڃي، ڄامشورو ۾ جسم سربراهه رياض چانڊيو خطاب ڪري رهيو آهي

پ پ چيئرمين سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي پاران بي روزگار نوجوانن لاءِ تيار ڪيل "آءِ ورڪ فار سنڌ ڊاٽ ڪام" ايپ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

تڪراري ڪئنالن خلاف وڏن ايوانن ۾ چٽو موقف رکيو، دهشتگردي خلاف پوري سگهه سان وڙهنداسين: بلاول ڀٽو

سرڪاري نوڪريون محدود هجڻ سبب حڪومت هاڻ اڻ سڌيءَ طرح نوڪري جا موقعا پيدا ڪندي، ٻوڏ متاثرن کي گهر فراهم ڪرڻ سان گڏ عورتن کي ملڪيت جا حق به ڏنا پيا وڃن

پيپلز پارٽي يوٿ ونگ ۽ پي ايس ايف هن ايپ جي مشهوري لاءِ مهم هلائيندا ته جيئن وڌ کان وڌ نوجوان ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن

سنڌ جي عوام کي اها خوشخبري به ڏني ته هاڻي هو آڪسفورڊ سميت دنيا جي ٻين وڏين يونيورسٽين ۾ به تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا: خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي پاران بي روزگار نوجوانن لاءِ تيار ڪيل "آءِ ورڪ فار سنڌ ڊاٽ ڪام" ايپ جو افتتاح ڪري ڇڏيو افتتاحي تقريب /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ڪراچي: بلاول ڀٽو زرداري، وڏو وزير مراد علي شاهه، شرجيل ميمڻ ۽ ٻيا تقريب ۾ ويٺل آهن

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ اسيمبلي مان جعفر ايڪسپريس تي حملي ۽ مسافر کي يرغمال بڻائڻ خلاف مذمتي ٺهراءُ منظور

وڏي وزير بلوچستان ۾ جعفر ايڪسپريس تي حملي ۽ مسافرن کي يرغمال بڻائڻ واري واقعي خلاف مذمتي ٺهراءُ پيش ڪيو

ٺهراءُ گڏيل طور منظور، پاڪ فوج جي جوانن بهادري سان دهشتگردن هٿان يرغمال بڻايل سمورن مسافرن کي حفاظت سان آزاد ڪرايو: وڏو وزير

اجلاس دوران سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس ترميمي بل سميت ٻه سرڪاري بل گڏيل طور پاس ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) سنڌ اسيمبلي مان بلوچستان ۾ جعفر ايڪسپريس تي حملي ۽ مسافرن کي يرغمال بڻائڻ واري واقعي خلاف مذمتي ٺهراءُ گڏيل طور تي منظور ڪيو ويو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته پاڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

جعفر ايڪسپريس تي حملو ڪندڙ دهشتگرد افغانستان ۾ موجود پنهنجي هينڊلرن سان رابطي ۾ هئا: آءِ ايس پي آر

دهشتگردن کي افغانستان ۾ اسپيس ملي رهيو آهي، جتي کين تربيت ڏيڻ جا ثبوت موجود آهن

جعفر ايڪسپريس تي حملي ڪانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان خلاف بيانيو گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي

هٿرادو ذهانت واري ٽيڪنالاجي ۽ دهشتگرد گروپن جي وڊيوز کي پاڪستان مخالف بيانئي طور استعمال ڪيو

اسلام آباد: (م ڊ) پاڪ فوج جي ترجمان اداري (آءِ ايس پي آر) جي ڊائريڪٽر جنرل، ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چيو آهي ته جعفر ايڪسپريس/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ڪوئيٽا: پاڪ فوج جو ترجمان ۽ بلوچستان جو وڏو وزير گڏيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

آءِ ايم ايف جو شرط، صنعتي شعبي ۾ وڊيو مانيٽرنگ نظام لاڳو

اسلام آباد: (م ڊ) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) صنعتي شعبي جي وڊيو مانيٽرنگ جو/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

دادو ۾ وڪيلن پاران درياهه مان غير قانوني ڪئنال ڪڍڻ خلاف مارچ

دادو (ڊ ر) درياهن جي عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ سنڌو درياهه تي ڪئنال اڏڻ خلاف دادو بار جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

جعفر ايڪسپريس جهڙا واقعا پاڻمرادو ناهن ٿيندا: شرجيل ميمڻ

بلوچستان جي عوام ۾ احساس محرومي آهي، ماضي ۾ ساڻن زيادتيون ٿيون

بلوچ عوام کان غير مشروط معافي گهري "آغاز حقوق بلوچستان" پيڪيج متعارف ڪرايو وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

جي يو آءِ تعلقي نصيرآباد پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاج

غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت نه ڏينداسين: اڳواڻ

سنڌ ۾ اڳ ئي پاڻي کوٽ آهي، منصوبو روڪيو وڃي: خطاب

نصيرآباد: (رپورٽر اعظم تگڙ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

هالاڻي ۾ ساس، جسقم ۽ راڄوٽي اتحاد جي ڪئنالن خلاف ريلي

سنڌ واسين پاران منصوبو رد ڪرڻ باوجود اڏاوت ڪئي پئي وڃي: شاهد چانڊيو

پ پ وارا واڳون وارا ڳوڙها وهائڻ بدران عملي قدم کڻي منصوبو واپس ڪرائين: مطالبو

هالاڻي (اقبال گاڏهي) پاڻي اسان جو جياپو آهي پاڻيءَ/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

”سنڌ دشمن منصوبا نامنظور“ ڪيواي ٽي پاران اياز لطيف جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ

پيادل مارچ ۾ هارين شهرين، واپارين، سياسي، سماجي ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

پ پ اقتدار لاءِ وسيلن، پاڻي ۽ 18 هين ترميم تان هٿ کڻي وئي آهي: اياز لطيف پليجو

سنڌ اسيمبلي ڪالهه تصديق ڪري ڇڏي ته ڪينالن تي ڪم جاري آهي: ڪيواي ٽي سربراهه جو خطاب

مٽياري (ڊ ر) سنڌ دشمن ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

نوشهروفيروز ۾ وڪيلن پاران درياهه تي قبضي خلاف احتجاجي ريلي

ڊسٽرڪٽ بار سيشن ڪورٽ کان الله والا چوڪ تائين ريلي ڪڍي نعرا هنيا

پاڻي اسان جو جياپو آهي، ڪئنال ڪنهن به صورت ڪڍڻ نه ڏينداسين: بار اڳواڻ

نوشهرو فيروز (ڊ ر) سموري سنڌ جيان نوشهرو فيروز ۾ به درياهن جي عالمي ڏينهن تي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن نوشهروفيروز جي وڪيلن /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

دريائن جو عالمي ڏهاڙو، ٺٽي لڳ ساڃاهه وندن پاران پل دولهه درياهه خان تي احتجاج

احتجاج دوران هر هنڌ ” سنڌو تي ڌاڙا نامنظور، ڪئنال سمورا نامنظور“ جا نعرا گونجندا رهيا

سنڌوءَ جي پاڻي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي سنڌ کي ڀڙڀانگ ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي: نور احمد

سنڌي ماڻهو پنهنجي درياءَ جي پاڻي جو هڪ ڦڙو به ڪنهن کي چورائڻ نه ڏيندا: اڳواڻن جو خطاب

ٺٽو (رپورٽ: رمضان ميمڻ) دريائن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڄي سنڌ جيان ٺٽي ويجهو /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

شڪارپور ۾ صحافين مرڪزي سڏ تي لبيڪ ڪندي ريلي ڪڍي، ڪئنال نه کپن جا نعرا

شڪارپور(رپورٽ مير امتياز علي مري) شڪارپور واسين سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڇهن ڪئنالن کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي.ان سلسلي ۾ سنڌ صحافي اتحاد ضلعي شڪارپور جي سڏ تي تڪراري ڪئنالن خلاف سينيئر/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

PAK Digital Media

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ حنفيہ)	
افطاري: بروز ڇنڇر	6 لڳي 42 منٽ
سحري: بروز آچر	5 لڳي 23 منٽ
رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ جعفريہ)	
افطاري: بروز ڇنڇر	6 لڳي 52 منٽ
سحري: بروز آچر	5 لڳي 13 منٽ

گڊو ۾ ايس يو پي پاران درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي ريلي

ريلي ۾ جسقم، جسم، ايس ٽي پي، اي ڊبليو پي ۽ ٻين ڌرين وڏي انگ شرڪت ڪئي

سنڌو درياهه ، سنڌ جي زراعت ۽ ماحوليات لاءِ زندگيءَ جي علامت آهي، حفاظت ڪنداسين: حضرت الله مزاري

سنڌ جي وسيلن تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين، عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي: اڳواڻن جو خطاب

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) گڊو ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) جي سڏ تي درياهه سنڌ مان 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي گڊو شهر کان شروع ٿي ۽ گڊو بئراج تي پهچي ان احتجاج ۾ مختلف /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

سکر ۾ درياهن جي عالمي ڏهاڙي تي مختلف ڌرين پاران احتجاج، ريليون ۽ مظاهرا

وڪيلن، سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين، متحده فيڊريشن سميت ٻين سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي ڪارڪنن احتجاج رڪارڊ ڪرايو

سنڌو هزارين سال سنڌ جي پراڻي تهذيب جي سڃاڻپ آهي سنڌو مٿان ڪو به ڪئنال قبول نه ڪيو ويندو: اڳواڻ

انڊس ريور سسٽم اٿارٽي جي ضابطن ۽ پاڻي جي ورهاست جي معاهدن جي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي: خطاب

سکر(رپورٽ: عمر سومرو) سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف درياهن جي عالمي ڏينهن 14 مارچ تي سکر مختلف سياسي سماجي مذهبي ڌرين سميت وڪيل برادري پاران ريليون ڪڍيون ويون ۽ مظاهرا ڪيا ويا سنڌو کي/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ڳوٺ سنڌار سنگت پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ميرپور بٺورو تائين پيادل مارچ

صدر غلام نبي زئور جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ احمد خان زئور کان شهر تائين وڏي احتجاجي ريلي نڪتي

نوان ڪئنال ٺاهڻ وارو فيصلو سنڌي ماڻهن کان زندگي کسڻ جي سازش آهي: نواز خان زئور/ غلام نبي زئور

سنڌي ماڻهو پنهنجي درياهه کي بچائڻ جي سگهه رکن ٿا، ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين: خطاب

ميرپوربٺورو (حاجي موسا ڪٽي) (سنڌو درياهه تي نوان ڪئنال ٺاهڻ جي خلاف ميرپوربٺورو واسي لاڳيتو سراپا احتجاج بڻيل آهن صحافين ۽ شاگردن، شاگردياڻين، استادن ۽ شهرين جي احتجاجن ڪانپوءِ اڄ ڳوٺ سنڌار سنگت ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

خيرپور ناٿن شاهه ۾ جماعت اسلامي جو تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن دادو جي نائب امير حافظ محمد اسحاق ڪوهارو، مولانا تاج محمد، مولانا صابر جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

تڪراري ڪئنال منصوبو سنڌ لاءِ خطرناڪ آهي ڪئنال جي رٿا ٽوڙي زمين جي والار ڪنهن به ريت قبول نه آهي: حافظ محمد اسحاق

1991 ع پاڻي ٺاهه جي پيرا نمبر چار تحت ڪئنال ٺاهڻ ناهي سگهجن ٿا: مولانا تاج محمد ڪوهارو

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ڀڳيو)جمعيت علماءِ اسلام صوبہ سنڌ جي حڪم تي جمعيت علماءِ اسلام ضلع دادو جي نائب امير حافظ محمّد اسحاق ڪوهارو، مولانا تاج محمد ڪونهارو ,مولانا صابر بروهي ,مولانا رفيق احمد ڪونهارو /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

درياهن جو عالمي ڏهاڙو، وڪيل قاضي احمد لڳ سنڌو درياهه پهتا، گلن سان پيتا

وڪيلن سنڌو درياهه پهچي ريلي جي صورت ۾ سنڌو درياءَ مٿان گل ڇٽي ڀرپور پيتا پيش ڪئي

پنجاب جي ترڪي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهه مان غير قانوني ڪئنال ڪڍڻ غير شرعي عمل آهي: رحيم لاشاري

زمينن تي والار ۽ ڪئنالن وارا منصوبا ڪنهن به صورت قبول نه ڪيا ويندا، رد ڪيا وڃن: نعيم منگي

قاضي احمد (رپورٽ غلام حسين راهو) قاضي احمد دريائن جي تحفظ جي عالمي ڏهاڙي تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

گهارو جي صحافين پاران ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج

صحافين نيشنل پريس ڪلب تي ڪارو جهنڊو چاڙهي نعرا هنيا

وفاق ۽ پنجاب ڏاڍ جي زور تي درياهه مان ڪئنال ڪڍي پيو: صحافي

گهارو(ن پاڪ) نيشنل پريس ڪلب گهارو تي سنڌو درياءَ مان جبري طور 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف نيشنل پريس ڪلب گهارو تي ڪارو جهنڊو چاڙهيو/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

جماعت اسلامي جي پاڻي ڪانفرنس اڄ ڪراچي ۾ ٿيندي

قباءِ آڊيٽوريم ۾ سنڌ جو امير ڪاشف سعيد شيخ صدارت ڪندو

ڪانفرنس ۾ عالم سگهورا شرڪت ڪري پاڻي ڪانفرنس تي روشني وجهندا

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ طرفان سنڌوءَ تي ڌاڙي خلاف ڇنڇر 15 مارچ تي (اڄ) قباءِ آڊيٽوريم ۾ جمعيت اتحاد العلماءَ و مشائخ/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ساس ڪراچي شاخ جي سڏ تي ساڃاهه وندن جو ڪئنالن خلاف احتجاج

ڪراچي پريس ڪلب اڳيان ايوب شيخ، عبدالخالق جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ٿيو

سنڌ دشمن منصوبا قبول ناهن، حڪمرانن کي پنهنجي هوڏ تان لهڻو پوندو: لالا اسد پٺاڻ ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (پ ـر) سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جي سڏ تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو سنڌجي اديبن شاعرن قلمڪارن ڏاهن صحافين فنڪارن/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

Sindhi Adabi Sangat Karachi Branch
ڪراچي: ساس ڪراچي شاخ پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ماحولياتي آلودگي سان انساني صحت تي ناڪاري اثر پئون ٿا: شازا اسلم

ويسٽ مئنيجمينٽ جو موثر نظام نه هجڻ سبب ڪچرو کليل ميدانن ساڙيو ويندو آهي

ڪچرو ساڙڻ نه رڳو غير قانوني آهي پر ان جا صحت ۽ ماحول لاءِ به انتهائي خطرناڪ آهي

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ۾ ميونسپل جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

سيوهڻ جي صحافين جو درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاج

قلم ڌڻي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي رستن تي اچي ويا

اسان پنهنجي سنڌ کي بنجر ٿيڻ هرگز نه ڏينداسين: ڪي ڪي ٻڙدي

سيوهڻ(ن پاڪ) سنڌو درياءَ تي ڪينال اڏڻ خلاف سيوهڻ پريس ڪلب جي صدر ڪي ڪي ٻڙدي جي اڳواڻي ۾ صحافين پاران ٻانهن تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ملڪ ۾ تيزي سان وڌندڙ آبادي بابت پاپوليشن ڪائونسل ۽ يو اين ايف پي اي جي تعاون سان گڏجاڻي

وڌندڙ آبادي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ميڊيا جو ڪردار اهم آهي: ڊاڪٽر علي مراد

پاڪستان ۾ وڌندڙ آبادي کي قومي مسئلي طور قبولڻ ضروري آهي: علي مظهر چوڌري

هي قومي مسئلو آهي، صحافين کي به پنهنجو تعاون ڪرڻو پوندو: اڪرم جنيد ۽ ٻين جو خطاب

اسلام آباد (بيورو) تيزي سان وڌندڙ آبادي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ميڊيا جو ڪردار انتهائي اهميت رکي ٿو پاڪستان ۾ تيزي سان وڌندڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

Media Coalition Meeting
Harnessing Media for Positive Social Change
اسلام آباد: پاپوليشن ڪائونسل ۽ يو اين ايف پي اي جي تعاون سان وڌندڙ آبادي بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان ايڪس سروس سوسائٽي پيس ضلعي دادو پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ريلي

ميهڙ (رپورٽر) سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ خلاف فوج جي رٽائرڊ ملازمن/ڏسو صفحو 3 بقايا 35

نئون ڳوٺ ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف درياهه تائين موٽرسائيڪل ريلي

شهري اتحاد جي سڏ تي سوين ماڻهو پلي ڪارڊ کڻي روڊ تي اچي ويا ، ڪئنال نامنظور جي نعرا

6 ڪئنالن وارو منصوبو سنڌ سڪائڻ جي سازش آهي، درياهه جي اسان حفاظت ڪنداسين: مولابخش

ڪئنال اڏي سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي جيڪو ڪنهن به صورت برداشت نه ڪيو ويندو: خطاب

نئون ڳوٺ(رپورٽ امداد علي شاهه) دريائن جي تحفظ جي عالمي ڏهاڙي تي سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڪئنالن خلاف نئون ڳوٺ ۾ سنڌ شهري اتحاد جي سڏ تي سوين ماڻهن پلي ڪارڊ کڻي باءِ پاس کان سنڌو درياءَ تائين موٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

شهدادپور ۾ مختلف ڌرين پاران درياهه تي قبضو ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي، ڌرڻو

ريلي ۾ جسقم، پي ٽي آءِ، جي ڊي اي، پ پ شهيد ڀٽو، ايس ٽي پي، ڪيواي ٽي ۽ ٻين ريلي ڪڍي

سنڌو درياهه اسان جو جياپو آهي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو، مزاحمت ڪبي: فقير حسين

وفاق ۽ پنجاب کي پيغام آهي ته سنڌ عوام هاڻي سجاڳ ٿي چڪو آهي، وسيلن جي مالڪي ڪندو: خطاب

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ۾ جسقم، پي ٽي آءِ،جي ڊي اي، پ پ شهيد/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

بلڙي شاهه ڪريم ۾ پي ٽي آءِ، جسقم ۽ شهرين پاران ڪئنال ڪڍڻ خلاف مظاهرو

مينهن وسايو ساهڙ جي اڳواڻي ۾ ٽائون ڪميٽي گيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي نڪتي

اسان پنهنجي درياهه مان ڪڏهن به ڪو غير قانوني ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين: عبدالعزيز کپري

پاڻي اسان جو جياپو آهي اسان پنهنجو جياپو کسڻ نه ڏينداسين، هر طرح جي قانوني جنگ وڙهبي

بلڙي شاهه ڪريم (ن پاڪ) بلڙي شاهه ڪريم ۾ پي ٽي آئي ،جسقم، ۽ شهرين طرفان دريا تي 6 ڪئنالن خلاف احتجاج ۽ مظاهرو ڪيو ويو عبدالعزيز کپري عرفان علي رند سومار کپري رجب جت مينهن وسايو ساهڙ جي اڳواڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا 38

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
Information Department
Government of Sindh
INF/KRY/876/2025

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر: 3_35655872_021 فيڪس نمبر: 35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

ڇنڇر 15 مارچ 2025ع بمطابق 14 رمضان المبارڪ 1446هه

سنڌ سرڪار جو بي روزگار نوجوانن لاءِ ساراهه جوڳو قدم



پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ حڪومت جي اطلاعات ڪاتي پاران بي روزگار نوجوانن لاءِ تيار ڪيل "آءِ ورڪ فار سنڌ ڊاٽ ڪام" ايپ جو افتتاح ڪري ڇڏيو. افتتاحي تقريب وزيراعليٰ هائوس سنڌ، ڪراچي ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، صوبائي وزير، خاص مددگار، صلاحڪارن، ترجمان، ڪاروباري برادري جي ماڻهن، سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب دوران خطاب ڪندي، بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جعفر ايڪسپريس هائي جيڪ ڪانپوءِ اسان جي سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن کي بهادري سان شڪست ڏني، جنهن تي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. هن چيو ته مذهبي انتهاپسندي ۽ دهشتگردي خلاف پوري سگهه سان وڙهنداسين ۽ سنڌ حڪومت عوامي فلاح و ڀلائي جي منصوبن تي ڪم جاري رکندي. هن وڌيڪ چيو ته قومي اسيمبلي ۾ نون ڪينالن جي معاملي تي واضح موقف اختيار ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جا ماڻهو وڌيڪ روزگار جا موقعا گهرن ٿا، پر سرڪاري نوڪريون محدود هجڻ سبب حڪومت هاڻ اڻ سڌيءَ طرح نوڪري جا موقعا پيدا ڪندي. هن چيو ته ٻوڏ متاثرن کي گهر فراهم ڪرڻ سان گڏ عورتن کي ملڪيت جا حق به ڏنا پيا وڃن ته جيئن هو مالي طور مستحڪم ٿي سگهن. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته نجي شعبي ۾ وڌيڪ روزگار جا موقعا موجود آهن، تنهنڪري ان کي به هن پليٽ فارم جو حصو بڻجڻ گهرجي ته جيئن سنڌ جي هُنرمند نوجوانن کي نوڪريون ملي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي يوٿ ونگ ۽ پي ايس ايف هن ايپ جي مشهوري لاءِ مهم هلائيندا ته جيئن وڌ کان وڌ نوجوان ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن سنڌ جي عوام کي اها خوشخبري به ڏني ته هاڻي هو آڪسفورڊ سميت دنيا جي ٻين وڏين يونيورسٽين ۾ به تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته مهانگائي ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي، جيڪو سٺو سنئوڻ آهي. ۽ حڪومت جديد ٽيڪنالاجي جو وڌ کان وڌ استعمال يقيني بڻائيندي. وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت جاب پورٽل لانچ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تي صوبي جا نوجوان پنهنجي رجسٽريشن ڪرائي سگهندا. هن چيو ته هن پليٽ فارم تي نوڪري فراهم ڪندڙ ۽ روزگار جا متلاشي هڪ ئي هنڌ گڏ ٿيندا. جنهن سان صوبي جي ترقيءَ جي رفتار تيز ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته نوڪري فراهم ڪندڙ ۽ تلاش ڪندڙ سيني ي گذارش آهي ته هو وڌ کان وڌ هن پورٽل تي رجسٽريشن ڪرائين. وزيراعليٰ ٻڌايو ته هڪ کان چار گريڊ جي نوڪرين جا اشتهار به هن پورٽل تي ڏنا ويندا. جڏهن ته پنج کان پندرنهن گريڊ جون نوڪريون آءِ بي اي جي ذريعي ڏنيون وينديون ته جيئن مڪمل شفافيت کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته هن پورٽل کي عارضي نوڪرين سان به ڳنڍيو ويندو ته جيئن مختلف منصوبن ۾ عارضي طور ڪم ڪندڙ ماڻهن کي به موقعا ملي سگهن. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي هميشه عوام جي سڀ کان وڏي پارٽي بڻجي سامهون آئي آهي ۽ اسان پنهنجي ڪارڪردگي سان صوبي جي ماڻهن جي وڌيڪ خدمت ڪندا رهنداسين. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت 21 لک گهرن جي تعمير جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي، جن مان 8 لک کان وڌيڪ مڪمل ٿي چڪا آهن. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ ٺهيل گهرن کي ڪنهن ملڪ سان ڀيٽيو وڃي ته اهو دنيا جي 800 ملڪن کان وڏو هوندو. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي 65 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي، تنهنڪري سنڌ حڪومت هي جاب پورٽل متعارف ڪرايو آهي. هن چيو ته هن ايپ ذريعي نه رڳو پڙهيل لکيل پر هُنرمند ماڻهو به پنهنجو سي وي اپلوڊ ڪري سگهندا ته جيئن ڪين سندن قابليت موجب نوڪري جا موقعا ملي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت نجي شعبي جي ادارن سان به رابطو ڪيو آهي ته جيئن هو به هن پورٽل ذريعي روزگار جا موقعا فراهم ڪن. هن چيو ته گهڻا نوجوان سرڪاري نوڪرين کي ترجيح ڏين ٿا، پر حقيقت اها آهي ته پيپلز هائوسنگ اسڪيم جهڙا وڏا منصوبا به روزگار پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته مختلف منصوبن ذريعي نوجوانن کي هُنرمند بڻايو پيو وڃي ۽ هن پورٽل ذريعي نه صرف سرڪاري پر نجي شعبي ۾ به نوڪري جا موقعا مهيا ڪيا ويندا. هن زور ڀريو ته جاب پورٽل کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت قائم ڪيو ويو آهي، ۽ هي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جو اهم حصو آهي. هن جاب پورٽل جي قيام کي هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته هن قدم سان بي روزگار نوجوانن کي بهتر روزگار جا موقعا ملندا، ۽ نجي توڙي سرڪاري شعبي ۾ نوڪري لاءِ درخواست ڏيڻ آسان ٿي پوندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ موقعن جي سرزمين آهي، جتي ٽيلنٽ ۽ ترقيءَ جي بيپناهه صلاحيت موجود آهي. پيپلز پارٽي جي قيادت هيٺ، سنڌ صوبي بي مثال ترقي ڏٺي آهي

سنڌو ۾ آساهه اسانجو

فدا حسين ملڪ

سنڌي درياءَ جي مالڪي جي سوال تي سنڌي قوم پنهنجي سياسي مزاحمت جي سگهه کي هڪ ڀيرو ڀيهر ثابت ڪري ڏيکاريو آهي

اڄ سنڌ جي ٻار ٻچي توڙي نوجوان ٻڍي جي وات تي هڪ ئي نعرو آهي ته درياءَ تي ڌاڙو نامنظور، سنڌو تي ڪئنال نامنظور، ڪئنال سمورا نامنظور.

اها ته خبر ناهي ته سنڌ ۽ سنڌي قوم کان ملڪ ناهڻ جي سزا پئي ڏني وڃي يا جهموريت جو انتقام پيو ورتو وڃي سنڌ سان ويساهه گهاتيون رڪجڻ جو نالو ڪونه پيون وٺن چوته سنڌ سان زيادتين جي تاريخ پاڪستان ٺهڻ سان ئي شروع ٿئي ٿي جنهن خلاف سنڌي سڌائين احتجاجن ۾ حڪمرانن کي باور ڪرائيندا رهيا آهن ته خدارا پاڪستان جي ناليءَ تي سنڌ کان انجو تشخص نه کسيو ۽ سنڌ سڌائين سياسي جدوجهد جي ميدان ۾ رهي پنهنجي وجود کي بچائيندي آئي آهي اها ون يونٽ جي صورت ۾ هجي يا ٻولي جي صورت ۾ يا وري ڪالاباغ ڊيم جهڙي منصوبي جي صورت ۾ سنڌ پنهنجي سياسي مزاحمت سان ئي سوڀ ماڻي آهي پر گذريل ڪجھ عرصي کان سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن ۾ جڻ هڪدم تيزي اچي وئي آهي ۽ سنڌ جي سياسي شعور کي ساهه پٽڻ ئي ناهي ڏنو ويو سنڌ جو سياسي ڪارڪن سڌائين روڊن رستن پريس ڪلبن تي احتجاجن ۾ رهيو آهي جتي سڌريل سماجن ۾ ماڻهو زندگي جي بنيادي ضرورتن کان اڳتي اچي نون نظرين سوچن کي تخليق ڪرڻ بابت سوچين ٿا اتي سنڌ جو ماڻهو اڄ به پنهنجي وجود جي بچاءَ لاءِ سسئي جيان هڪ نه ڪٽندڙ جدوجهد جي پنڌ ۾ آهي. ناليءَ ۾ ته سنڌ ۾ هڪ عوامي حڪومت مسلسل چوٿون ڀيرو اقتدار ۾ آهي ناليءَ ۾ ته سنڌ مٿان سنڌي ٽوپي اجرڪ وارن جي حڪمراني آهي پر سنڌي عوام مٿان سورن جا ڪڪر آهن جيڪي نه اڳي ڇٽي لٿا نه هينئر لهڻ جو نالو پيا وٺن.

تقريبا گذريل 18 سالن کان چوڻ ۾ پيپلز پارٽي شهيدن جي ناليءَ تي ورثل ووٽن جي اقتدار تي آهي پر انهي نام نهاد جمهوري اقتدار جي حاصلات لاءِ سڌائين جيان سندن هٿان سنڌ ئي مفاهمتن ۽ مصلحتن جي تياس تي بار بار ٽنگي پئي وڃي. ڪڏهن ڪراچي ۾ شيرشاهه جي شڪرن کي مچرائي سنڌ کي ڀاڱا ڪرڻ جا سانباها ٿا ڪرايا وڃن ته ڪڏهن پنهنجن جي هٿان ئي ٻٽي نظام جي صورت ۾ سنڌ کي به ڀاڱا ڪرڻ جا آرڊيننس ٿا آندا وڃن ڪڏهن ڪارونجهر جهڙي تاريخي ماڳ کي وڪرو ڪيو ٿو وڃي ته ڪڏهن بحريا کي والار جي چوٽ ڏئي سنڌين جا گهر ڪوٽ ٿا ڊاٺا وڃن ته ڪڏهن ڪراچي جي زمينن جي ڊي ايڇ اي کي غير قانوني الاٽمنٽ ڪئي ٿي وڃي ته ڪڏهن ڪوٽلي جي لٽمار پئي ٿئي ته ڪڏهن درياءَ جي پاڻي تي ڌاڙي جا علان پيان ٿين سنڌ جو سياسي شعور انهن سڀني عملن خلاف مسلسل روڊن تي احتجاج ڪندي نظر اچي ٿو هينئر سنڌ ۾ درياءَ تي ڌاڙي خلاف سنڌ سراپا احتجاج بڻجي چڪي آهي هي ڪوايڊو سادو معاملو ڪونه آهي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻي جي تڪرار ۽ سنڌ جي پاڻي تي راتاهي جي ڪوشش 1859 کان شروع ٿئي ٿي جنهن بابت رسول بخش پليجو صاحب سنڌ پنجاب پاڻي تڪرار 1859_ 2003 لکيو آهي جنهن ۾ مڪمل پاڻي تڪرار تي روشني وڌي وئي آهي. سنڌ هينئر پنهنجي سنڌو شينهن درياءَ جي بچاءَ لاءِ جدوجهد ۾ آهي سنڌو مٿان اڏجندڙ اهي اجگرڇه ڪئنال موت جو پروانو آهن انهن ڇهن ڪئنالن جي منظوري 8 جولاءِ 2024 تي ايوارن صدر ۾ صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداري جي صدارت ۾ ٿيل هڪ اجلاس ۾ ڏني وئي جنهن ۾ صدر کان علاوه وفاقي وزير داخلا سميت سياسي ۽ عسڪري قيادت شرڪت ڪئي ۽ صدر کي گرين پاڪستان انيشيئيٽو لاءِ ڇهن اسٽريٽجڪ ڪينالن جي تعمير بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي ۽ ڪيس ٻڌايو ويو ته ڇهن اسٽريٽجڪ ڪينالن جي تعمير جن ۾ چشمه رائٽ بينڪ ڪينال، ڪڇي ڪينال، رائني ڪينال، گريٽر ٿل ڪينال، چولستان ڪينال ۽ ٿر ڪينال شامل آهن. ملڪ جي زراعت جي صلاحيت کي وڌائڻ سان گڏ ملڪ جي چوپائي مال ۽ مڇي مارڻ جي صلاحيت کي وڌائڻ ۾ مدد ڪندي. صدر پاڪستان گرين پاڪستان انيشيئيٽو جي اجلاس جي صدارت ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت منصوبي لاءِ فنڊ فراهم ڪندي ته جيئن ان جي ترجيحي بنيادن تي اسٽريٽجڪ ڪينالن بجي بروقت مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻائي سگهجي. جڏهن کان هي معاملو ميڊيا تي آيو ته سنڌ جي گهڻگهرن سياسي سماجي اڳواڻن قومپرست قيادتن سول سوسائٽي انڪي سختي سان رد ڪيو ۽ ان خلاف جدوجهد جو اعلان ڪيو ان بعد سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مظاهرا ٻڪ هڙتالون ڌرڻا ريليون لانگ مارچ نڪرڻ شروع ٿيون ۽ سنڌ هڪ پاسي گرين پاڪستان تحت سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين جي بند بانت کي رد ڪرو ته ٻي پاسي هنن ڪئنالن واري منصوبي کي به مڪمل طور تي رد ڪندي سياسي مزاحمت جو اعلان ڪيو هڪ طرف سنڌ پاڻي جي معاملي تي احتجاج پئي ڪري ته اتي سنڌ جي حڪمران ڌر پهرين ته ان معاملي تي مڪمل خور ڪن لاڪار ڪئي ۽ سنڌ حڪومت جا ترجمان توڙي خود وزيراعلي مراد علي شاهه بار بار اهوئي ورجائيندا رهيا ته ڪي به ڪئنال ڪونه پيا ٺهن ۽ قومپرست ڌريون پنهنجي سياسي اسڪورنگ خاطر عوام کي مسلسل گمراهه پيو ڪن جڏهن هينئر هي نعرو سنڌ ۾ هڪ گار بڻجي اڀريو آهي ته وفاق سميت پيپلز پارٽي پڻ سوڙهي ٿي آهي. سنڌ جي عوام جي ڪاوڙ وري به سنڌ جي حڪمران ڌر تي آهي ته جيڪا پنهنجو پاڻ کي سنڌي قوم جي حقن جو چيئمپئن سڏيندي رهندي آهي جنهن جو خود چيئرمين صدر جي اهم عهدي تي براجمان آهي ۽ سندن پارٽي نه صرف صوبي ۾ حڪومت ۾ آهي پر وفاق ۾ پڻ نواز ليگ سان ڀاڱي ڀائيوار آهي ۽ هڪ طرف آصف علي زرداري 8 جولاءِ 2024 تي ايوان صدر ۾ اجلاس گهرائي ڪئنالن جي منظوري ٿو ڏئي ته ٻي طرف سندن صوبائي توڙي وفاقي نمائندا مسلسل عوام سان اهوئي چوندي ملن پيا ته اهڙ ڪا به ڳالهه ناهي پر هينئر جڏهن سنڌ جي عوام جو سڄو طبقو شاگرد مزدور واپاري نوجوان سياسي سماجي ڪارڪن سول سوسائٽي وڪيل مطلب ته سنڌ جو ٻچو ٻچو خود ساخته احتجاج ڪرڻ شروع ٿي ويو آهي ته هينئر سندن قيادت به عوامي ڪروڌ ڪاوڙ جي نزاڪت کي ڏسندي نه صرف ڪئنالن واري معاملي کان لاتعلقي ڪري ورتي آهي پر سچو ڏوهه وفاق کي ڏيندي انهن کي ان معاملي تي نظرثاني جي اپيل ڪئي آهي جنهن جو اظهار صدر زرداري پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو ته هئيني فرض ۽ ذاتي ذميواري جي طور تي پارليامينٽ ۽ حڪومت کي خبردار ڪريان ٿو ته ان جون ڪجهه طرفي پاليسيون وفاق تي سخت دٻاءُ پيدا ڪري رهيون آهن. خاص طور تي، وفاقي يونٽن جي سخت مخالفت جي باوجود، سنڌو درياءَ جي نظام مان وڌيڪ ڪينال ڪڍڻ جو حڪومت جو هڪ طرفو فيصلو انڪي اهڙي ڪنهن به فيصلي جي حمايت اسان ڪونه ٿا ڪير سگهون سندس انهي تقرير بعد پ پ جي سموري صوبائي توڙي مرڪزي قيادت چڻ ڏڳهي مات توڙيندي ڪئنالن خلاف بيان ڏيڻ شروع ڪيا جنهن ۾ پهرين بلاول ڀٽو پريس ڪانفرنس ڪئي جنهن ۾ هن ڪئنالن کي رد ڪيو ڪاله سنڌ سرڪار پڻ ڪئنالن خلاف ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتو پر اهو ٺهراءُ پڻ لفظن جي جادوگري ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهي چوته جيڪڏهن ان ٺهراءُ جي لفظن جادوگري کان ڪم ورتو ويو آهي ٿورو غور ڪريو ته ٺهراءُ جي پهرين شق ۾ ڪئنالن کي رد ڪرڻ جي ڳالهه پئي ڪئي وڃي ته وري ٻي شق ۾ اهو پڻ چيو پيو وڃي ته ڪو به ڪئنال ٺهڻ کان پهرين ان تي مشاورت ضروري آهي ته جيئن سنڌ جي پاڻي کي ڪو به نقصان نه ٿئي يعني اهو معاملو سنڌ سرڪاري لاءِ اڃان به ڳالهه ٻولهه لاءِ کليل آهي حالانڪ هن معاملي ته ڪابه ڳالهه ٻولهه جي گنجائش ڪونه آهي ۽ اسين ماضي ۾ چشما جهلم لنڪ ڪئنال جو مثال ڏسي چڪا آهيون ساڳئي ٺهراءِ ۾ گرين پاڪستان جي ناليءَ تي ڏنل زمين بابت لفظ به نه ڪچيا آهن حالانڪ ن ليگ سينيٽر مصدق ملڪ ڪين سڌو چٽي چڪو آهي ته پوائنٽ اسڪورنگ کان اڳتي اچي جيڪڏهن واقعي ڪئنالن جا مخالف آهيو ته پوءِ ڪانٽڪان سان گڏ انهي زمين جي الاٽمنٽ کي به رد ڪيو جيڪا ايس آءِ ايف سي تحت توهان ڏني آهي چوته جيڪا زمين سنڌ پنهنجي صوبي ۾ ڏني آهي ان لاءِ پاڻي ڪو آسمان تان ته ڪونه ايندو پر انهي زمين کي به سنڌ کي پنهنجي حصي مان ئي پاڻي ڏيڻو پوندو.

ذوالفقار جونيئر جي سياست ۾ انٽري

عبدالحئي ساوند

تازوئي ڪجهه ڏينهن اڳ آءُ جڏهن سنڌو درياهه تي ٻيڙيءَ مان ڪراس ڪري ڪچي واري شارٽ ڪٽ رستي وچان گهوٽڪي مان ڏاڏاڻي ڏيهه ڪنڌڪوٽ وڃي رهيو هئس ته مونکي درياهه جو پيٽ ڪنهن ننڍڙي واهه جيترو نظر پئي آيو ٻيڙي ٻرين پار بيلي هئي آءُ ٻيڙيءَ جي انتظار ۾ بيلو هئس ته منهنجي پرسان ڪجهه ماڻهون بيٺل هئا جيڪي ڪچي جي مختلف ڳوٺن جا رهواسي هئا. آءُ ٻيڙي اچڻ تائين سائين درياهه جي پاڻي بابت ڪچهري ڪرڻ ۾ لڳي ويس. هڪ پيرسن 80 کان 85 سالن جي عمر جو پئي لڳو مٿي تي سنڌي ٽوپي ۽ هٿ ۾ لٺ هئس سائس هڪڙو پٽ گڏ هو لٺ ۽ پٽ جو سهارو ورتيون سنڌو درياهه جي ڪناري تي سنڌوءَ جي پاڻي مان ٻُڪ ڀري منهن پئي ڌوتائين. منهن ڌوئي جڏهن فارغ ٿيو ته آءُ سنڌو پاسو وٺي ڪائنس پڇاڪيم ته چاچا پنهنجي عمر ۾ ڪڏهن درياهه کي ايئن وهندي ڏٺو هيئو جيڪو هينئر وهي پيو؟ منهنجي هن عجيب سوال تي پنهنجي نظر جي عينڪ کي اکين تان لاهي عينڪ جي شيشن کي مٿي مونکي غور سان ڏسي ڪري هڪڙو ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيائين ته نه ڪڏهن به نه؟ الائي ڇا ٿي رهيو آهي جو هاڻي سنڌوءَ جي سِير سوڙهي ٿيندي پئي وڃي، سندس جو چوڻ هو ته مون پنهنجي ٻاروتڻ کان وٺي سنڌوءَ جون موجون ۽ اوڄ به ڏٺا آهن ۽ سياري جي مند ۾ توڙي جو پاڻيءَ جا وهڪرا گهٽ هوندا آهن مگر پوءِ به پنج سئو ميٽرن تائين پاڻيءَ جو پيٽ هوندو هو. مگر هينئر الائي ڇا پيو ٿئي جو ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي جو سنڌو درياهه صفا سوڙهو ٿيندو پيو وڃي، مون سنڌو پاسو وٺي سائنس سوال ڪيو ته چاچا ڇا توهانکي اها خبر آهي ته پنجاب ۾ گرين پاڪستان نالي سان منصوبو شروع ڪيو ويو آهي ۽ سنڌو درياهه مان نوان ڪينال ڪڍي اوڏانهن پاڻي موڪلڻ جا سانباهه ٿي رهيا آهن. منهنجي هن ڳالهه تي هو چرڪجي پيو چيائين ته اها ڪڏهن جي ڳالهه آهي. پوءِ مون سنڌي پريس ۾ بيهي پنهنجي جاڻ آڌار ڪيس سموري ماجرا ٻڌائي تنهنجي تي ان جهور پوڙهي ڪراڙي شخص جي ڪين ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ سميت ڏک جي لهر به ڏٺي ۽ ڪيس چپن ۾ پڙڪندي ڪجهه ٻڌو چيائين ته ابا جيڪي به اسانجي شينهن درياهه کي سُڪائڻ جا سانباهه ڪن پيا ڪن مولا ڪري انهن کي قبر جي مٽي به نصيب نه ٿيندي. سائنس ڳالهيون ڪندي ٻيڙي به پهچي وئي ته آءُ به ٻيڙيءَ تي چڙهي ٻرين پار پهتس ۽ پنهنجي ماڳ نڪري پيس. رستي ۾ ڪوڙ سارا سوال ذهن ۾ پئي آيا ته ڇا واقعي سنڌو سُڪي ويندو. هينئر سان ئي سنڌوءَ جي پيٽ ۾ مند وارن علائقن ۾ پاڻي آهي ئي ڪونه ته پوءِ سکر کان پرتي ۽ ڪوٽڙيءَ کان پويان ته پاڻي هوندوئي ڪونه. اهي سوال ذهن ۾ چوڌاري گهمي رهيا هئا آءُ انهن ۽ سوچن ۾ گم سم رهيس ته مٿان ڪنڌڪوٽ شهر جون بلڊنگون نمودار ٿيون ۽ آءُ ڏاڏاڻي ڏيهه پهچي ويس. پاڻ کي به چڱي طرح ياد آهي پنهنجو ڪُڙم ۽ قبيلو به سنڌوءَ درياهه ٻنهي ڪپرن جي آوسي پاسي ۾ آباد آهي. سنڌو جيايو به ان جي پاڻي مٿان آهي. پاڻ سنڌو درياهه جي اوجن ۽ موجن کي پڻ اکين سان ڏٺو آهي سنڌي شينهن جهڙي گجگوڙ جهڙو پڙلاءُ پنهنجي ڪنن ۾ اڄ به ڪڏهن ڪڏهن ڳونجندو آهي. ڪچي جا ماڻهون سادا ۽ ابوجهه هوندا آهن. ها البته هينئر ڪجهه تبديليون به ضرور آيون آهن ماڻهن ۾ ڪجهه شعور به جاڳيو آهي مگر اهو به اٽي ۾ لوڻ برابر جيترو.

قصو ڪوتاهه ته پنجاب جي چولستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سرڪار گرين پاڪستان نالي منصوبو جوڙي سنڌو درياهه جي پاڻيءَ مٿان ڌاڙو هڻڻ لاءِ نوان ڪينال ٺاهي رهي آهي جنهن مان سنڌو درياهه مان سنڌوءَ جي حصي جو پاڻي ڪٽي پنجاب جو غير آباد ۽ بنجر علائقو آباد ڪيو ويندو. ۽ پوءِ سنڌ هڪ وڏي ريگستان ۾ تبديل ٿي ويندي، جنهن جو انجام اڃان تائين ڪنهن به ناهي سوچيو. نون ڪينالن واري منصوبي جي ڪڙڪ پوڻ ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ مٿان ڌاڙو لڳڻ جي منصوبي جي سُڌ پوڻ بعد سنڌ جو باشعور طبقو بيدار ٿي پيو آهي جن روڊن رستن تي اچي هن منصوبي جي مخالفت شروع ڪري ڏني آهي. ڪجهه مهينا اڳ سنڌ جي سڄڻ پُٽن طرفان شروع ٿيل ننڍڙي جدوجهد هاڻي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين ڦهلجي وئي آهي سا سنڌ جي وستين ۽ واهڻ شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اوطاقن توڙي هوٽلن آفيسن توڙي گهرن ۾ اهي ڳالهيون ٿي رهيون آهن ته سنڌو جي جل کي بند ٻڌي پنجاب طرف موڙيو پيو وڃي ۽ اسانکي اڄ وڃي مارڻ جا سانباهه ٿي رهيا آهن. سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف سنڌ سڄڻ ۽ صالح پٽن پاران تحريڪون مسلسل هلي رهيون آهن جن ۾ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جو ڀڳدار پٽ ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيدڀٽو جو سربراهه جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو به ميدان تي نڪري پيو آهي. جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو بابت تنظيمي حلقن ۾ مشهور آهي ته هو وڏي وقت کان وٺي سنڌو درياهه جي عشق ۾ مبتلا آهي ۽ سنڌو درياهه جي پيٽ ۾ پلندڙ انڌي ٻلهڻ جي نسل کي بچائڻ لاءِ جستجو ۾ لڳل آهي. تنهن ڪري هو مختلف علائقن ۽ ڳوٺن توڙي ٻهراڙين ۾ وڃي ماڻهن کي آگاهي پيو ڏئي ته ٻلهڻ جي نسل کي بچائڻو آهي ته سنڌو درياهه جي بقاءَ ۽ ان جي بحالي لاءِ نڪرڻو پوندو. سڀ کان پهريان سنڌو درياهه جي بحالي لاءِ هن شهدادڪوٽ جو رخ ڪيو جتي هن پ پ شهيدڀٽو جي پليٽفارم تان هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ پهريون خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه مٿان ڪو به ڪينال قبول نه ڪيو ويندو. شهدادڪوٽ جي احتجاج بعد، هن ڪوٽڙي بيراج جي هيٺاهين پاسي کان هڪ وڏو ميڙ ڪٺو ڪري ماڻهن ٻڌايو ۽ ڏيکاريو ته هينئر سان ئي سنڌو درياهه سوڪهڙي ۾ تبديل ٿئي پيو جي ڪينال ٺهي ويا ته ماڻهون پاڻيءَ جي لپ لاءِ به سڪي ويندا. ڪوٽڙي کان پوءِ هن سکر ۾ سنڌو درياهه جي بقاءَ لاءِ پرامن ڌرڻي جو اعلان ڪيو ۽ سنڌ واسين ڏٺو ته سکر جهڙي مصروف ترين شهر ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏجي سنڌو درياهه جي پل مٿان پرامن احتجاجي ڌرڻو هڻي اقتدار ۾ ويٺل گٺگ ڪامورن ۽ اقتداري فيصلا ڪندڙ رياست جي وڏن ماڻهن کي اهو ميسيج ڏنو ته سنڌوءَ مٿان ڪو به ڊيم قبول ناهي. سکر واري جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي ڌرڻي جي ٻن ڏينهن بعد المرتضيٰ هائوس لاڙڪاڻي ۾ پ پ شهيدڀٽو سنڌ جي اهم عهديدارن جو سياسي اجلاس ٿيو. هن پهرين سياسي اجلاس جي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ صدارت ڪئي ۽ باظابطا طور تي هن سياست ۾ اچڻ جو اعلان ڪيو جنهن تي شهيد مير جي پراڻن جهور پوڙهن سائين جي اکين ۾ عجيب مرڪ ۽ چمڪ نمودار ٿي ان اجلاس ۾ پاڻ لکير جا فقير به شامل هئاسين. اجلاس جي آخري ۽ صدارتي خطاب ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جيڪا پهرين ڳالهه ڪئي اها سنڌو درياهه جي ڳالهه هئي، هن بقاءَ ۽ بحالي جي ڳالهه هئي. ان اجلاس ۾ جونيئر ذوالفقار چيو ته اسانجو جياپو سنڌو درياهه سان جُڙيل آهي سنڌو وهندو رهندو ته اسان به جيئرا رهنداسين سنڌو سُڪي ويو ته درياهه ۾ رهندڙ آبي جيوت سميت سنڌ ۾ رهندڙ پکي، جانور، جيت، ٻيلا وڻ ٽڻ ۽ انسان به ختم ٿي ويندا. جيئن هن وقت پنجاب جو چولستان بريت ۽ بيابان لڳو پيو آهي جنهن کي آباد ڪرڻ لاءِ اسانجي پاڻيءَ مٿان ڌاڙو هنيو پيو وڃي، اگر اهي ڪينال ٺهي ويا ۽ چولستان آباد ٿي ويو ته سنڌ هڪ وڏي ريگستان ۾ تبديل ٿي ويندي، ماڻهون پاڻي لپ جي لاءِ سڪي ويندا. فصل آباد ڪرڻ ته پري جي ڳالهه ماڻهون پيئڻ جي پاڻي لاءِ به واجهائيندا. تمام سادڙن لفظن ۾ هن جي تقرير بعد اسان ويٺلن جا ذهن جن ڪي ڪي عجيب و غريب تالا لڳل هئا سي تڙڪا ڏئي کلي پيا.

هينئر جيڪي به سنڌ دوست ڌريون سنڌو درياهه جي بقاءَ ۽ بحالي لاءِ ميدان عمل ۾ آهن روڊن تي آهن سوشل ميڊيا، ميڊيا توڙي جنهن به پليٽفارم تي آهن تن کي سلام. مگر جدوجهد کي اڃان به وسيع ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ۾ هلندڙ هن تحريڪ سان هڪڙي ڳالهه واضح ضرور ٿي آهي ته هاڻي ڪچهرين ڪُن ۾ شينهن درياهه جي بحاليءَ جو ذڪر به لازمن ڇڙي پوندو آهي. سنڌ مان اوطاقن جو سلسلو ته آهستي آهستي ختم ٿيندو پيو وڃي. اسين سنڌ واسين کي هاڻي ڪچهريو هوٽلن تي نصيب ٿينديون آهن جتي هر مڪتبه فڪر جو ماڻهون چانهين جا ڪوپ پي سگريٽ جا ڪش هڻي ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي ڳالهه ڪندو يا ٻڌندو ضرور آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ آءُ پنهنجي ڪجهه دوستن صحافي دوست حاجي محمد مهر ۽ شاعر حاجي علي ميراڻي، سماج سڌارڪ علي گوهر ٻوهڙ سان شام جي ويل ڌارڻ لاءِ هوٽل تي وڃي ويٺاسين ته اتي سنڌو درياهه جو موضوع ڇڙي پيو. جنهن تي اسانجي ڀر ۾ ٻئي چوڪڙي ۾ ويٺل هڪڙي شخص چيو ته سنڌو درياهه سُڪي ويو ته ڇا ٿي پوندو. اسانجي زمينن ۾ پنهنجا وڏا وڏا بور لڳل آهن جن مان ٽيوب ويل ذريعي پاڻي ڪڍي پنهنجو فصل آباد ڪنداسين. هن جي ان عجيب جواب تي مون ڪيس اچرج ۾ ڏٺو ۽ ڪيس ٿڌي سيني سان سمجهائيندي چيم ته جر جي پاڻي جو ڳانڍاپو به درياهه سان آهي. چيائين اهو ڪيئن ڪيس سولي سنڌيءَ ۾ سمجهائيس ته ڪراچي ۽ ڪوئيٽه ۾ سنڌو درياهه آهي؟ چيائين نه ته مون ڪيس ٻڌايو ته پوءِ اتي جر جو پاڻي آهي چيائين نه پوءِ ڪيس وري سمجهايو سين ته ڪجهه سال مسلسل سنڌو سوڪهڙي ۾ رهيو ته توهانجو جر پهريان ڪارو ٿي ويندو ۽ بعد ۾ ختم ٿي ويندو. جنهن تي هن ڪجهه سوچڻ شروع ڪيو ۽ اڄ اهو ماڻهون سوشل ميڊيا جي جهان ۾ سنڌوءَ بحالي لاءِ هلندڙ تحريڪن جو وڏو حمايتي لڳو پيو آهي.

بقايا 01

جي بدترين لوڊشيڊنگ خلاف لياري عوامي محاذ پاران گل محمد لين تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا جي ظالماڻي لوڊشيڊنگ ۽ لياري جي چونڊيل نمائندن خلاف سخت نعريبازي ڪئي. احتجاجي مظاهرو لياري عوامي محاذ جي صدر عيسيٰ بلوچ، جنرل سيڪريٽري عبدالخالق ز دران. صالح محمد هنگورو. عبدالحميد جدون _ عبدالرشيد اعوان. ڊاڪٽر رفيق سربازي چيو ته رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ به ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا پنهنجو رويو تبديل نه ڪيو پر لوڊشيڊنگ جو مدو وڌائڻ ڪري لياري جا رهواسي ڪيترن سالن کان بجلي جا بل ڀرڻ باوجود لياري جا رهواسي گئس سلينڊر استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن. سندن چوڻ هو ته لوڊشيڊنگ سبب لياري جي غريب دڪاندارن جو ڪاروبار تباهه ٿي ويو آهي، صارفين ڏانهن 10 کان 15 هزار رپيا موڪليا پيا وڃن جيڪا صارفين سان ناانصافي آهي. لياري واسين جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن جي جيتري به مذمت ڪجي گهٽ آهي، هنن مطالبو ڪيو ته ڪي اليڪٽرڪ کي قومي تحويل ۾ وٺي موبائل فون ڪمپنين جهڙن درجنين ڪمپنين جي حوالي ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي معياري بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 02

جوجو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار الهجڙيو مري سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 03

جي رهواسين پوليس هٿان مبينا ڪنبي گم ڪرڻ بعد سينٽرل جيل سکر ۾ جيل ۾ ڳينڊڙ شاگرد عديل احمد چنه جي آزاديءَ لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن نوجوان جي تصويرو وارو بئنر هٿن ۾ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي نوجوان شاگرد جي ڀاءُ جهانگير چنه پنهنجي پاڙيسري دوستن رياض جمالي، نور محمد لغاري ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا اڏو داتهيندي چيو ته گذريل سال جولاءِ مهيني دوران رات دير سان سکر، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس اتالن گهر تي چڙهائي ڪئي جنهن ۾ وردي ۾ پهريل اهلڪارن ۽ سول ڊريس ڪپڙا پهريل 12 کان وڌيڪ اهلڪارن منهنجي 18 ورهين جي نوجوان ڀاءُ عديل احمد چنو کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ سندس موبائيل فون، موبائيل جو ڊبو ۽ هڪ ڊائري کڻي روانا ٿي ويا جنهن کان پوءِ اسان حد جي سچل ٿاڻي سميت لاڙڪاڻي شهر جي سمورن ٿاڻن تي ڀاءُ جي ڳولا ڪئي پر ڪٿي به ان جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن کان پوءِ خبر پئي ته ڀاءُ عديل احمد چنو کي سکر سينٽرل جيل مان حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ قيد ڪيو ويو آهي.

بقايا 04

آزادي تائين هولي ملهائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي اسان جو نوجوان راجيش ڪمار چار مهينن کان ڌاڙيلن وٽ قيد ۾ آهي هن جي آزادي ڪانسواءِ ڪا به خوشي نٿا ملهائي سگهون هندو برادري جي ماڻهن اڄ هولي نه ملهائي احتجاج دوران ڪنهن به رنگ ۽ پاڻي جو استعمال نه ڪيو اسان سڀ پريا ڪماري ۽ راجيش ڪمار جي بازيابي لاءِ احتجاجي ڪئمپ تي گڏ ٿيا آهيون حڪومت کي فوري طور تي قدم کڻڻ گهرجي راجيش ڪمار کيسوائي کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا انتظاميا کي اپيل ڪئي وئي پر اڃان تائين ڪا به اڳيرائي نه ٿي سگهي آهي احتجاجي ڪئمپ تي هندو برادري سان گڏ سماجي ۽ سياسي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي سپني راجيش ڪمار جي آزادي لاءِ حڪومت کان مطالبو ڪيو مغوي راجيش ڪمار کي آزاد ڪرائي هندو ڪميونٽي جي بيچيني ختم ڪئي وڃي جيڪڏهن حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا تحرڪ ۾ نه آيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 05

تي هندو برادري پاران هڪ ٻئي کي رنگ هڻي نصرت واهه کان هڪ وڏي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف بازارن کان ٿيندي واپس سوچي محله پهتي ريلي دوران هندو برادري جي نوجوانن پاران رقص ڪيو ويو ان موقعي تي اڳوڻن جو چوڻ هيو ته هولي جو ڏينهن آهي ۽ هولي وارو ڏهاڙو اسان وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهيون ۽ هڪٻئي کي رنگ هڻي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهيون

بقايا 06

ڏهاڙي تي هندو برادري پاران ڪرشن سوني ديپڪ سوني ڪمار سوني پرديپ سوني راجيش سوني درين سوني سونيل هڪ ٻئي کي رنگ هڻي کپرو واهه کان هڪ وڏي ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف بازارن کان ٿيندي واپس سوناارا بازار کان راماپير مندروٽ پهتي اتي جشن ملايو ريلي دوران سوناارا برادري جي نوجوانن پاران رقص ڪيو ويو ان موقعي تي اڳوڻن جو چوڻ هيو ته هولي جو ڏينهن آهي ۽ هولي وارو ڏهاڙو اسان وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهيون ۽ هڪٻئي کي رنگ هڻي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهيون

بقايا 07

يوسي همايون جي سڏ تي جيڪب آباد شڪارپور قومي شاهراهه تي ڌرڻو جسم يوسي همايون جي اڳواڻ باغي صوبدار چانڊيو، ڪامريڊ عبدالصمد چانڊيو، سماجي اڳواڻ ڪامريڊ احسان جيهو، سول سوسائٽي اڳواڻ ڪامريڊ راشد سڏايو، جسقم ميان صاحب جي اڳواڻ وحاب سنڌي، ظفرالله رند جي اڳواڻي ۾ سنڌو درياهه مان تڪراري ڪئنالن خلاف همايون شريف کان جيڪب آباد شڪارپور قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيون ويو احتجاجي ريلي ۾ جسم همايون، جسقم ميان جو ڳوٺ جي ڪارڪنن سميت يوسي همايون شريف جي سول سوسائٽي اڳواڻ، آبادگار هارين پاران شرڪت ڪئي وئي جتان ريلي همايون اسٽاپ کان ٿيندي پريس ڪلب همايون پهتي غير قانوني ڪئنالن خلاف ڪارڪنن پاران سخت نعري بازي ڪئي وئي اڳواڻن پاران خطاب ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته درياءَ سنڌي قوم جو آخري جياپو آهي جنهن تي ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال قبول نه ڪيا ويندا هنن وڌيڪ چيو ته پهريان سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي سنڌ جي وسيلن ڪوئلو، گئيس، معدنيات تي پنجاب جو قبضو آهي سنڌي ڪنهن به صورت ۾ سنڌو درياءَ تي قبضو قبول نه ٿيڻ ڏيندا سنڌي قوم سڄاڳ ٿي چڪي آ سنڌ جا ننڍا وڏا، عورتون، شاگرد، قوم پرست، مذهبي، ڌريون، وڪيل، آبادگار، هاري غيرقانوني ڪئنالن خلاف هڪ پيج تي بيٺا آهن

بقايا 08

سنڌو درياءَ تي 6 ڪئنال اڏڻ واري منصوبي خلاف سجاول ۾ يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس يونٽ سجاول جي صدر حافظ سعدالله ميمڻ ۽ جنرل سيڪريٽري ساگر سليم ڪوسو جي اڳواڻي ۾ مامو لاڏو چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڪئنالن واري منصوبي خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي. پبلڪ پارڪ اڳيان احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي حافظ سعدالله ميمڻ، اسماعيل سرويچ، وڪيل لياقت جماري، حسين آزاد، اياز آمر شيخ، حاجي مظفر لغاري، ۽ ٻين چيو ته پنجاب جي ريگستانن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي زرخيز زمينن کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. هنن چيو ته سنڌ سنڌو درياءَ تي ڪئنال اڏي سنڌ کي سوڪري جو شڪار بڻايو پيو وڃي. هنن چيو ته جيڪڏهن اهي ڪئنال ٺاهيا ويا ته صفحه هستي تان سنڌ جو نقشو هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌو درياءَ ۾ پاڻي گهٽ هجڻ سبب سنڌو درياهه ۾ واري اڏامي رهي آهي ۽ ڪئنال لن جي تعمير بعد صورتحال وڌيڪ خراب ٿيندي.

بقايا 09

ٺهندڙ ڇهن ڪئنالن ڪڍڻ جي عمل خلاف پريس ڪلب کان مين پيارو چونڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، مارو جمالي، سجاد يوسف، علڻ خان نائچ، ڊاڪٽرعبدالرحيم ساريو ۽ نثار شاهه پاران ڪڍيل احتجاجي ريلي ۾ چيمبر آف ڪامرس جي واپارين، قومپرستن ايس ٽي پي، شهيد ڀٽو، نظريا پاڪستان فائونڊيشن، شهري، صحافين ۽ علائقي واسين يڪجهتي طور شريڪ ٿي سخت نعريبازي ڪئي وئي ان دوران ادبي سنگت جي سيڪريٽري مارو جمالي، سجاد يوسف، واپاري محمد اقبال چارڻ، جواد جوڻيجو، قربان ڳاهو قومپرستن اڳواڻ سرور سنڌي غلام محمد ابڙو عظيم ابڙو ارشد علي شهيد ڀٽو اڳواڻ غازي بروهي، ايس ٽي پي جي سيد اعجاز علي شاهه، ڪامريڊ غلام حيدر برهماڻي، صحافين مهراڻ تگر، گل حسن نوناڻي، امير حسن ملاح، عبدالرزاق هنگورو ۽ ٻي طرف نظريا پاڪستان فائونڊيشن دادو طرفان عرفان جويو، بابو خاصخيلي، نديم جويو جنسار جانوري، سعيد جانوري، زاهد ميراڻي ميربخش شيخ سميت ٻين اڳواڻن چيو ته سنڌو درياءَ اسانجي جياپي جو ذريعو آهي وفاقي سرڪار ڏاڍ جي بنياد تي سنڌو درياءَ مان غير قانوني طور ڇه ڪئنال ڪڍي پنجاب جي چولستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جون ذرخيز زمينون سڪائڻ لاءِ سنڌ جو پاڻي ڪٽڻ چاهي ٿو جي ڪڏهن ڪئنال ٺهي ويا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي ڪئنال ڪڍڻ ڪانپوءِ سنڌ جي زراعت کي هٽ سان بنجر ڪري تباهه ڪرڻ لاءِ پنجاب حڪومت سازشون ڪري رهيا آهن اسان وٽ پيئڻ جي لاءِ پاڻي نه بچندو انڪري اسان پنهنجي جياپي لاءِ سنڌو درياءَ کي بچائڻ لاءِ آخري ساهه تائين جدوجهد جاري رکنداسين ۽ اسان ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين

بقايا 10

گهرچوڪ کان ميهڙ پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، احتجاجي ريلي ۾ شامل قلم ڌڻين پاران سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف زوردار نعريبازي ڪندا رهيا. اڳواڻن چيو ته سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ وارو عمل غير آئيني ۽ غيرقانوني آهي سنڌ ۾ اڳ ئي پاڻي جي ڪوٽ آهي ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي، هنن گهر ڪئي ته سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس وٺي ڪارپوريٽ فارمنگ نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ بند ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 11

يونين ڪميٽي 01 ۽ 03 جي رهواسين جي مان ۾ پنهنجي رهائشگاهه تي افطار جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ پي پي پي اڳواڻ غلام رسول لغاري، مهراڻ انصاري، علي رضا سومرو، محمد يوسف ڏيٿو سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين دڙي ٽائون چيو ته رمضان المبارڪ مهينو رحمتن ۽ برڪتن وارو مهينو آهي، جڏهن ته هن مهيني جي اسان مسلمانن وٽ وڏي اهميت آهي، جنهن لاءِ اسان کي گهرجي ته اسين پنهنجي آس پاس ۾ آباد غريب، مسڪين ۽ مستحق ماڻهن جي مدد ۽ خدمت ڪريون.

بقايا 12

پي ٽي آءِ جي آفتاب گوپانگ ، اين پي پي جي لعل خان شر جي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن طرفان هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي ريليون ڪڍي اوپر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي سنڌو درياءَ مان نيڪال ڪڍڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چيو ته سنڌو درياءَ تي ڌاڙي خلاف سنڌ جو شعور جاڳي چڪو آهي استاد شاگرد اديبن سميت هر مڪتب فڪر جا ماڻهو جاڳي چڪا آهن هنن چيو هڪ طرف زرداري سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ته ٻئي طرف پيپلز پارٽي سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ وارو مذمتي بيان ڏئي ڊرامو ڪري رهي آهي مگر سنڌ جو عوام هاڻي انهن کي سمجهي ۽ سڃاڻي چڪو آهي پاڻي تي ڌاڙي ۾ پنجاب سان گڏ پيپلز پارٽي به برابر جي شريڪ آهي هنن چيو ته پنجاب مسلسل سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي هنن چيو سنڌ جو عوام پيپلز پارٽي جي مڪر کي سمجهي چڪو آهي جيڪي صرف هاڻي بيان ڏئي رهيا آهن جڏهن ته سنڌو درياءَ جي پاڻي جو سودو هوا اڳ ڪري چڪا آهن هن وقت سنڌ جا حلالي ماڻهو پاڻي تي لڳندڙ ڌاڙي خلاف سخت مزاحمت ڪري رهيا آهن چاڪاڻ سنڌو درياءَ جو پاڻي اسان لاءِ زندگي موت جو مسئلو آهي جنهن تي پنهنجي جانين جو نذرانو ته ڏئي سگهون ٿا مگر سنڌو درياءَ مان نيڪال ڪڍڻ ڪڏهن به ڪو نه ڏينداسين سنڌ جو شعور هاڻي جاڳي چڪو آهي هنن چيو ته حڪمران هوش کان ڪم وٺن سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ وارو فيصلو جلد واپس ورتو وڃي ٻئي صورت ۾ رمضان شريف کان بعد سخت مزاحمتي احتجاج ڪرڻ سميت روڊ رستا بند ڪري ڇڏينداسين

بقايا 13

، ڌار، ريليون ڪڍيون. ان موقعي تي اصغر نوناري، ڪامريڊ عالم بروهي، دودو ديشي، صالح جوڻيجو ، فدا حسين ٽنيو، اسحاق مشوري، وفا صالح راڄپر، محمد علي خشڪ، عرس پٽي، ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياهه اسان سنڌين جي ساهه جي رڳ آهي، جنهن کان سواءِ اسان زنده رهي نٿا رهي سگهون، هنن چيو ته حڪمران پنجاب جون بنجر زمينون آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ کي تباهه ڪرڻ جي تياري پيا ڪن، پر ڪين ياد رکڻ گهرجي ته سنڌوجي حفاظت لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو وڙهندو.

بقايا 14

لاءِ مليرجي رزاق آباد گورمينٽ اسڪول کان ٽائون آفيس تائين ٽائون چيئرمين نظير احمد ڀٽو ۽ ميونسپل ڪمشنر مسرور نواز خشڪ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ ٽائون ميمبرن ٽائون آفيسرن ۽ سول سوسائٽي سميت عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ريلي ۾ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا هنيا ويا، يڪجهتي ريلي کي خطاب ڪندي ٽائون چيئرمين نظير احمد ڀٽو ۽ ميونسپل ڪمشنر مسرور نواز خشڪ چيو ته دهشتگرد کهڙي به شڪل ۾ هجن انساني ۽ اسلامي اصولن جي خلاف آهن اجوڪي هي ريلي سانحه جعفر ايڪسپريس جي متاثرين سان همدردي جي اظهار ۽ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي لاءِ آهي

بقايا 15

چيئرمين سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي اڳواڻي هزارين ڪارڪنن سان قافلي جي صورت ۾ ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ جو فيصلو پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي ڪنديارو جي صدر سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي صدارت ۾ سيد هائوس تي ٿيل گڏجاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي نوشهروفيروز جو اڳواڻ قاري عبدالحڪيم گهانگهرو، پي پي پي ڪنديارو جو اڳواڻ محبوب ابڙو، يوسي ڪنڌر جو چيئرمين علي گل راڄپر، يوسي غلام شاهه جو چيئرمين رئيس طارق مگريو، يوسي ڪماليرو جو چيئرمين غلام مرتضيٰ سامٽيو، يوسي سومرچنڙ جو چيئرمين صابر عباسي، يوسي موريا جو وائس چيئرمين حاجي سومر ابڙو، مختلف يوسين جا اڳواڻ پيرل گوپانگ، نياز ابڙو، سرائي احمد گوپانگ، ظاهر حسين سهتو، الطاف سامٽيو، منار ابڙو، امتياز گوپانگ، سيد دربان علي شاهه منظور عباسي، اعجاز ڪوڪر ، الله اوڀايو ابڙو، راحب پرت ،جاويد مگريو، غلام حيدر عباسي، اصغر عباسي، عمران سولنگي ۽ ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن شريڪ ٿيا. گڏجاڻيءَ ۾ سنڌو درياءَ تي چولستان سميت ڇهن ئي ڪينالن جي فيصلي رد ڪيو ويو اجلاس ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 46 ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ صلاح مشورن بعد متفقه راءِ سان فيصلو ڪيو ويو ته پي پي پي ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهه ۽ ٽائون چيئرمين سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي اڳواڻي هزارين ڪارڪنن سان قافلي جي صورت ۾ ورسي ۾ شرڪت ڪئي ويندي.

بقايا 16

جنهن جي جنازي نماز شهدادپور لڳ ڳوٺ بهادر ڪلوئي ۾ ادا ڪئي وئي سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. هوڏانهن ماما قادر ڪلوئي وايدا اڳواڻ اختر ڪلوئي. سڪندر ڪلوئي سان تعزيت سلسلو جاري آهي.

بقايا 17

جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ شهر جي دڙي محلا، باقراڻي روڊ، اسٽيشن روڊ، ڪرمان باغ محلا سميت ٻين مختلف علائقن جي هندو برادري جي عورتن، مردن توڙي ٻارڙن هولي جو ڏڻ ملهائي هڪٻئي کي رنگ هڻي پوڄا پاٺ ڪري مٺايون ورهائي خوشي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي پوڄ هندو پنچائت جي چيئرمين هريش لعل، وائيس چيئرمين جئي راج، جنرل سيڪريٽري ولي رام، جوائنٽ سيڪريٽري ڪيلاش ڪمار، نانڪ رام، رميش لال، سيٺ سنتوش ڪمار، پيپلز پارٽي اقليتي ونگ جي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري نول راءِ، سٽي صدر ڊاڪٽر ستام چند ۽ ٻين چيو ته هندو برادري پاران هن موسم ۾ هولي ملهايو ويندو آهي.

بقايا 18

تي اوچتو ڇاپو، عوام شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا، اسسٽنٽ ڪمشنر محسن رضا دشتي ٻوڏ متاثرن لاءِ جاري ڪيل سنڌ بئنڪ تي بوٿ ۽ ٽرديب آفيس جو دورو ڪيو. جتي عوامي سهولتن جي ڪوٽ هئڻ سان گڏ. ايس پي ايڇ ايف پروگرام ۾ ڪرپشن ۽ ايجنٽ مافيا خلاف قانوني طور تي سزائون ڏيارڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر متحرڪ ٿي ويو، اسسٽنٽ ڪمشنر محسن رضا دشتي چيو ته مان هاڻي مسلسل آفيس ۽ بئنڪ جو دورو ڪندس، ايجنٽ مافيا سميت ٽرديب جا مليل ملازم اگر ثبوت سان گڏ هٿ آيا اتي ڪين گرفتار ڪري جيل ڀيرو ڪيو ويندو. جڏهن ته ڪجهه ثبوت مليا آهن جن تي جلد ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا 19

ڏهاڙي جي حوالي سان سنڌ فشرمين ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران اهم گڏجاڻي گهرائي وئي، سنڌو درياهه سان پيار ۽ نينهن نڀائڻ جو وچن ورجايو ويو. تقريب کي سنڌ فشرمين ويلفيئر آرگنائيزيشن صدر ممتاز ملاح، نياز حسين ملاح، عرفان ملاح، لياقت ميراڻي ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته درياهن جو عالمي آهي، اسين سنڌو درياهه سان بي پناهه پيار ڪريون ٿا، وفاقي حڪومت پاران سنڌو ندي مٿان نوان ڪينال ٺاهڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي، اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ طاس معادي تي عمل ڪري سنڌو جو پاڻي سنڌ ڌرتي جي ٻچڙي وارن علائقن تائين پهچائي سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين کي بنجر ٿيڻ ۽ 1200 کان وڌيڪ ڍنڍن ڍورن کي سوڪهڙي کان بچائي سنڌ جي لکين مهاڻن ۽ هارين جي معاشي مسئلن ۽ ڪين بيروزگار ٿيڻ کان بچايو، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو پڻ چتاءُ ڏنو ويو آهي.

بقايا 20

دهشتگردي حملي خلاف دادو ۾ پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، سميع الله وگڻ، عرفان ساهڙ، ساجد مستوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ وڏي ۾ سول سوسائٽي جي اڳواڻن ۽ شاگردن به شرڪت ڪئي، دهشتگردن خلاف شديد نعري بازي ڪندي پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا هنيا ويا اڳواڻن چيو ته دهشتگرد جعفر ايڪسپريس کي يرغمال بڻائي مظلوم ماڻهن جو قتل عام ڪيو آهي، دهستگردن خلاف آپريشن ڪري دهشتگردي جو خاتمو آندو وڃي پاڪ فوج دهشتگردي خلاف جنگ ڪري رهي آهي اسين ڪين سلام پيش ڪيون ٿا، ٻئي طرف شيعا علماء ڪائونسل پاڪستان پاران مرڪزي امام بارگاهه کان سيد فدا حسين ڪاظمي، مولانا ابرار حسين نجفي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي حيدري چونڪ پهتي جتي دهشتگردن خلاف شديد نعري بازي ڪندي پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعرا هنيا ويا، جڏهن ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال انتظاميا ايم ايس ڊاڪٽر امجد مستوئي، ڊاڪٽر امان الله پنهور جي اڳواڻي ۾ پڻ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي.

بقايا 21

۽ ڪلارڪ وچ ۾ جهيڙو، لتن مڪن جو وسڪار، سيڪريٽري ڪلارڪ کي ڪن ۾ چڪ هڻي رت ڪڍي ڇڏيو، اين سي رپورٽ داخل، متاثر ڪلارڪ جو احتجاج:_ دادو جي يونين ڪائونسل پڪا سيتا جو سيڪريٽري شوڪت برماڻي يوسي پاٽ جي ڪلارڪ يوسف سولنگي تي لتن مڪن جو وسڪارو لائي ڏنو تشدد سبب ڪلارڪ زخمي ٿي پيو، زخمي ڪلارڪ يوسف سولنگي دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرائيندي ٻڌايو ته سيڪريٽري شوڪت برماڻي جي يوسي آفيس جو ڪاروهنوار به مونکي هلائڻو هوندو آهي جڏهن ته منهنجي چارج يوسي پاٽ تي آهي سيڪريٽري رڪارڊ گهريو رڪارڊ ڏيڻ ۾ دير ٿي ته سندن ڪارگنڊ ڪئي ۽ لتن مڪن جو وسڪار لائي ڏنو، تشدد ڪري ڪن ۾ چڪ هڻي رت پڻ ڪڍيو آهي.

بقايا 22

ڪمانگر موڙ وٽ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلي ۾ شديد زخمي ٿيل پوليس اهلڪار زاهد تنيو شهيد ٿي ويو هٿيارٻندن پاران ڳاڏين مان ڦرلٽ، اطلاع تي پوليس پڪٽ جي اهلڪارن جي پهچڻ تي موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن جو پوليس اهلڪارن تي حملو فائرنگ، پوليس اهلڪار زاهد تنيو شديد زخمي ٿي پيو جنهن کي لاڙڪاڻي نيو ويو هو جيڪو زخمن جا تاب نه سهي سگهيو لاڙڪاڻي ٽراما سينٽر ۾ زندگي جي جنگ هارائي ويو ڌوهاري هٿيار ٻندن پوليس اهلڪارن کان هٿيار پڻ ڦريا 4 ٿاڻن جي پوليس پاران ناڪابندي آخري اطلاعن تائين علائقي جي ناڪابندي برقرار ڪري ڇڏي جڏهن ته شهيد پوليس اهلڪار زاهد تنيو جي جنازه نماز ميهڙ پرسان ڳوٺ منجڻ ۾ ادا ڪئي وئي جنازه نماز ۾ وڏي انگ شهرين ۽ پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 23

سميت پوري دنيا ۾ رهندڙ هندو برادري اڄ ٻئي ڏينهن به پنهنجو رنگ برنگي تهوار "هولي" وڏي جوش ۽ جذبي ۽ مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي رهي آهي ان سلسلي ۾ شهر جي قديم ۽ تاريخي بابا غريبداس مندر ۾ هولي جي تهوار جي موقعي تي سنڌ جي مختلف شهرن کان آيل ڀڳتن آڪاش ڪمار گرميت ڪمار سنديپ ڪمار پائي پرمانند اجيت ڪمار ۽ ٻين هولي جي مناسبت سان ڌرمي ڀڄن ڳائي آيل سوين مرد ۽ عورت عقيدتمندن کي روحاني سڪون ڏنو هولي جي ان تقريب ۾ ڪشمور ضلعي جي مختلف شهرن بڏاڻي بخشاپور ٺل ڪرمپور ۽ ڪنڌڪوٽ مان سوين عقيدتمندن وڏي انگ ۾ اچي شرڪت ڪئي ان موقعي تي مندر جي شيواڌارين پاران آيل سڀني عقيدتمندن کي هولي جو ڳاڙهو رنگ هڻي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ هڪٻئي کي مٺايون کارايون ۽ خوشي ۾ جهمريون پاتيون

بقايا 24

برهوڻ روڊ تي پوليس چيڪ پوسٽ سلطان پاتوجو سامهون ڪار ۾ ايندڙ واپاري عبدالجبار پاتوجو کي ڪار ۽ موٽرسائيڪل تي سوار اڻ ڄاتل هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪيس روڪي 25 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. عيد ويجهو ايندي ئي شهدادپور ملدسي لنڊو مقصودورند سرهاڙي پاڇي موري، برهوڻ لانڊي سميت علائقي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي وئي آهي پوليس پڪڙيل بدامني تي ڪنٽرول ڪرڻ بجاءِ منشيات ۽ سماجي برائين جي هلائڻ پويان رڌل آهي . متاثر واپاري عبدالجبار پاتوجو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته شهدادپور جي بئنڪ مان پئسا ڪيرائي ڪار ۾ ڪٽي برهوڻ ۾ پنهنجي پيدي تي وڃي رهيو هيس ته پوليس چيڪ پوسٽ سلطان پاتوجو سامهون ڪار ۽ موٽر سائيڪل تي سوار هٿيارٻند ڦورن ڪيس روڪي 25 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا. هن وس وارين اختيارين جو ڌيان ڇڪائيندي گهر ڪئي ته ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي سائنس انصاف ڪيو وڃي،

بقايا 25

ناٿن شاهه پبلڪ هاءِ اسڪول جي معصوم ٻارڙن هٿن ۾ بئنيرءَ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ سنڌ جاڳيت ڳائي احتجاج ڪيو آهنن چيو ته اسين ڪنهن به صورت ۾ سنڌ مٿان ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين حڪمران پنهنجا غلط فيصلا واپس وٺن ٻئي صورت ۾ سنڌ جي حڪمرانن جي گهرن جو گهيرا ڪرڻ سان گڏ سندن گهرن تي توا ٽنگيا ويندا،نوان ڪئنال وفاق ۽ سنڌ جي ٺاهه سان ٺهن پيا اهو منصوبوسنڌ لاءِ خطرناڪ آهي ڪئنال جي رٿا توڙي زمين جي والار ڪنهن به ريت قبول نه آهي جنهن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي

بقايا 26

طرفان ڪئنالن خلاف ڳوٺ يار محمد پرڳڙي کان پيادل ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو. جنهن ۾ ڳوٺ جي نوجوانن جوش جذبي سان پنجاب ۽ سنڌ حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪئي. هنن جو چوڻ هو ته سنڌو درياهه تي جيڪي غير قانوني 6 ڪئنال ڪڍيا ٿا وڃن اهي اسان سنڌي قوم کي ڪڏهن به قبول ناهن. اسين پنهنجا ٻچا قربان ڪري سگهون ٿا مگر سنڌ و درياءَ مٿان ڪئنال ڪڍڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهن هرگز نوان ڪئنال ٺهڻ نه ڏينداسين اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ سنڌوجي پاڻي سان آهي. پاڻي بنا جياپو ناممڪن آهي وفاقي حڪومت کي فيصلو واپس وٺڻو پوندو

بقايا 27

۾ درياءَ سنڌ جي ڪچي جي علائقي ۾ سرڪاري زمين تان قبضا خالي ڪرائڻ تي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر چيو ته روينيو آبپاشيءَ، ٻيلو کاتو ۽ سروي پاڪستان جي ٽيم گڏيل طور تي ڪچي وارو علائقي ۾ سروي ڪري قبولي زمين (موروثي ملڪيت) حڪومتي زمين. حڪومت پاران مختلف وقتن تي ماڻهن کي الاٽ ٿيل زمين ڪانسواءِ ٻيلي کاتي جي زمين شامل آهي انهي زمين جي گڏيل طور تي مڪمل سروي ڪري نئي سري سان الڳ الڳ انگ اکر گڏ ڪيا وڃن ته جيئن سرڪاري ۽ ٻيلي کاتي جي زمين کي ناجائز قبضي کان خالي ڪرائي سگهجي.

بقايا 28

مظاهرو ڪيو ويو جي يو آءِ سٽي بڊاڻي جي سڏ تي جمع نماز بعد جي يو آءِ حافظ منير احمد ڀٽو مولانا فياض احمد لاڪو ۽ مولانا مظهر علي جي اڳواڻي ۾ جامع مسجد ڪان مرتضي چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي حافظ منير احمد ڀٽو ۽ مولوي مظهر ڀٽو خطاب ڪندي چيو ته وفاق سنڌ سان ناجائزي ڪندو پيو اچي هن دفعي سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي پاڻي اسان جو جياپو آهي اگر سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍيا ويا ته پوءِ سنڌ جون زمينون بنجر ٿي وينديون ۽ اسان پيئڻ جي پاڻي لاءِ به ترڙپنداسيون ان لاءِ وفاق کي پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پوندو

بقايا 29

مظاهرا ڪيا ويا ڪنديارو شهر جي مرڪزي جامع مسجد. مسجد تقويٰ،ملاح محلا،فاروق اعظم رضہ،عيدگاهه چوڪ ۽ ٻين هنڌن تي مسجد ٻاهران ڪيل احتجاجي مظاهرن کي خطاب ڪندي جي يو آءِ جي اڳواڻن مولانا عبدالرحمان ڏنگراچ،مفتي حماداللہ بروهي،مولانا حسين احمد عباسي،حافظ علي بيگ گوپانگ ۽ نعمان ڪليري سميت ٻين چيو ته حڪمرانن سنڌ جي ڪوئلي ۽ زمينن بعد هاڻي سنڌ جي جياپي زراعت کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڌاڙي لاءِ چولستان ۽ ٻين ڊيمن جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا 30

کان نواب شاهه اسپتال منتقل ڪنديارو جي ڪچي واري علائقي بکري پوليس حد ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينا زمين جو هلندڙ تڪرار وڏي فائرنگ تائين وڃي پهتو آهي،ڌرين ۾ ٿيل فائرنگ ۾ هڪ ڌر جو نوجوان ٻاويهن سالن جو محمد آصف پٽ محمد صديق ڪلهوڙو زخمي ٿي پيو زخمي کي ڪمالديرو سرڪاري اسپتال آندو ويو جتي طبي امداد ڏيڻ بعد زخمي کي ڪمالديرو اسپتال کان نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي..

بقايا 31

پاران سنڌي ادبي سنگت مرڪز جي سڏ تي دريائن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪئنالن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،هن ريلي جي اڳواڻي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي سيڪريٽري گلزار ڪلهوڙو پاٽائي جوائنٽ سيڪريٽري خالد حسين منگي ۽ خزانچي منظور علي جوڻيجو ڪئي ريلي ۾ سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن استادن صحافين شاگردن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ سگا شاخ پاٽ شريف جي جنرل سيڪريٽري حاڪم علي ٻلڙ نائب صدر شهاب الدين لانگاهه حبيب الله ميمڻ صدام حسين چناٽوجوان اتحاد پاٽ شريف جي صدر سيد غلام دستگير شاهه گلزار احمد ڪلهوڙو احسان الله چنا صحافي تنوير ميمڻ ۽ ٻين ڀرپور شرڪت ڪئي

بقايا 32

جمال شاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ بعد ۾ سنڌو درياءَ کي پيٽ ۾ مشاعرو پڻ پڙهيو ويو. جڏهن ته احتجاج ۾ پ ٽ الف اڳواڻ استاد ملهار خان جوڪيو، لوڪ فنڪارن روشن علي جسڪاڻي ۽ رياض گورچاڻي سميت صحافين سياسي سماجي تنظيمن جي ماڻهن جن ۾ صدام بلوچ، احسان جمالي، بادشاهه سنڌي، بيوس راهب، خان جتوئي، سوشل ورڪر اڪبر علي اتڙ، آصف علي شاهي، مجيب الله جوڪيو محمد يونس چانڊيو، وحيد چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي،

بقايا 33

سياسي سماجي پارٽين جي اڳواڻن ۽ اديبن سهيل قريشي پير عبيد راشدي، طارق پناهڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بينظير چونڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪندي صدر آصف زرداري جي تصويرن کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو،مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پاڻي جي سخت ڪوٽ هجڻ باوجود درياءَ مان وڌيڪ ڪينال ڪڍي سنڌ کي سڪائڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ ڪينالن جو هلندڙ ڪم فوري طور بند ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 34

حضرت سچل سرمست جي 204 هون عرس جون غير سرڪاري تقريبون درازا شريف ۾ جاري آهن. درگاهه کي غسل ڏيڻ واري تقريب ٿي گذري، سجاده نشين خواجه عبدالحق فاروقي درگاهه جي خاص خليفن، مريدن سان گڏجي سچل سائين جي مزار کي عرق گلن سان غسل ڏئي، نئي چادر ۽ پُڙ چاڙهي اجتماعي دعا گهري ڪيو. جتان واپس وري سچل جي صوفي راڳين سان سنگ جي صورت ۾ واپس حويليءَ پهتا. جنهن بعد مزرا عام زائرين جي لاءِ کولي وئي، عرس جي تقريبن جي حوالي سان سيڪورٽي جا انتهائي سخت ڪيل آهن. هر ايندڙ ويندڙ زائرين جي جامع تلاش بعد ڇڏيو پيو وڃي. هوڏانهن حضرت سچل سرمست رحہ جي ساليانی 204 هون عرس مبارڪ شروع ٿي ويو درگاهه سچل سرمست کي ڪنوار جيان سينگاريو ويو آهي، درگاهه سچل سرمست تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه درگاهه جي سجاده نشين خواجا عبدالحق فاروقي سان گڏجي چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي درگاهه جي سجاده نشين سنڌ جي وڏي وزير کي تاريخ ڳيڙو پٽڪو پارايو. سچل سرمست جي فقيرن سچل جا ڪلام ڳائي وجد طاري ڪري ڇڏيو درگاهه تي چادر چڙهڻ بعد درگاهه جي احاطي ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ صوفين درويشن جي ڌرتي آهي. جنهن هميشه انسانيت جو درس ڏنو آهي، سنڌ سميت گرين پاڪستان جي نالي تي جيڪي ڇه ڪئنال ٺهڻ سميت ڪو به ڪئنال نه ٺهيو آهي. امڪاني ڪئنال ٺهڻ خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ ان خلاف قرارداد پاس ڪئي آهي. اسان سنڌ جا چاوا آهيون ڪئنال ڪڏهن به ڪو نه ٺهڻ ڏينداسين

بقايا 35

درياءَ مان غيرقانوني نڪرندڙ ڪئنالن خلاف اسپتال کان پريس ڪلب ور شهر تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي کي خطاب ڪندي ايماندار ڊاڪٽر ساجد علي شيخ چيو ته سنڌو درياهه اسان جي ايندڙ نسلن جو مستقبل آهي سنڌ جي 90 سيڪڙو آبادي جو دارومدار زراعت تي آهي، هينئر درياءَ ۾ پاڻيءَ نا هوڻ برابر آهي وارا بندي جي ڪري قتل ٿيو وڃن، جيڪڏهن اهي ڪينال ٺهيا ته پوءِ پيئڻ لاءِ به پاڻي ڪونه ملندو زراعت تباهه ٿي ويندي. هي سنڌو نديءَ اسان لاءِ زندگي آهي جنهن تي ڪنهن به قيمت تي سوديبازي قبول ڪون ڪبي. اسان حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته سنڌو ماٿر تي رٿيل سمورا ڪينال ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سموري سنڌ نڪري پوندي پوءِ اوهان کي بچائڻ وارو ڪير نا هوندو. ريلي ۾ شهرين ۽ صحافين شرڪت ڪئي جنهن ۾ پريس ڪلب گهوڙاٻاري جي صدرغلام حيدر ڪٽي، نعمان خواجه، اميرشاهه، مير مرتضا چانڊيو پيراميڊيڪل اسٽاف محراب پنهور، حاجي حسين درس، فريد خواجه ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 36

پاران مرڪزي سڏ تي اعلانيل سنڌو درياءَ مٿان ٺهندڙ ڇهن ڪئنالن ڪڍڻ جي عمل خلاف پريس ڪلب کان مين پيارو چونڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، مارو جمالي، سجاد يوسف، علڻ خان نائچ، ڊاڪٽرعبدالرحيم ساريو ۽ نثار شاهه پاران ڪڍيل احتجاجي ريلي ۾ چيمبر آف ڪامرس جي واپارين، ايس ٽي پي، شهيد ڀٽو، شهري، صحافين ۽ علائقي واسين يڪجهتي طور شريڪ ٿي سخت نعريبازي ڪئي وئي ان دوران ادبي سنگت جي سيڪريٽري مارو جمالي، سجاد يوسف، واپاري محمد اقبال چارڻ، شهيد ڀٽو اڳواڻ غازي بروهي ، مهراڻ تگر، حبيب الرحمان چانڊيو، قربان ڳاهو، گل حسن نوناڻي، امير حسن ملاح ، عبدالرزاق هنگورو ٻين ڳواڻن چيو ته سنڌو درياءَ اسانجي جياپي جو ذريعو آهي وفاقي سرڪار ڏاڍ جي بنياد تي سنڌو درياءَ مان غير قانوني طورڇه ڪئنال ڪڍي پنجاب جي چولستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جون ذرخيز زمينون سڪائڻ لاءِ سنڌ جو پاڻي ڪٽڻ چاهي ٿو جي ڪڏهن ڪئنال ٺهي ويا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي ڪئنال ڪڍڻ ڪانپوءِ سنڌ جي زراعت کي هٽ سان بنجر ڪري تباهه ڪرڻ لاءِ پنجاب حڪومت سازشون ڪري رهيا آهن

بقايا 37

آفيس ۾ چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر احمد يار جي قيادت ۾ سانحي جعفر ايڪسپريس جي شهيدن سان اظهار عقيديت ۽ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي ريلي منعقد ڪئي وئي، چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته پوري قوم جيان گڏاپ ٽائون ۽ ضلعي مليرجي عوام به دهشتگردن جي خلاف پنهنجي دفاعي ادارن سان گڏ بيٺل آهي پاڪ فوج جي ملڪ جي لاءِ ڏنل قربانيون ڪنهن کان لڪل ناهن، فوجي جوان هر دم ملڪ جي حفاظت ۽ بقا جي لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار رهندا آهن سانحي جعفر ايڪسپريس ۾ جان جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيدن کي پوري قوم سرخ سلام پيش ڪرڻ جي لاءِ ريلي منعقد ڪئي وئي،

بقايا 38

پي ٽي آءِ جي آفتاب گوپانگ ، اين پي پي جي لعل خان شرجي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن طرفان هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي ريليون ڪڍي اوپر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي سنڌو درياءَ مان نيڪال ڪڍڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن چيو ته سنڌو درياءَ تي ڌاڙي خلاف سنڌ جو شعور جاڳي چڪو آهي استاد شاگرد اديبن سميت هر مڪتب فڪر جا ماڻهو جاڳي چڪا آهن هنن چيو هڪ طرف زرداري سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ته ٻئي طرف پيپلز پارٽي سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ وارو مذمتي بيان ڏئي ڊرامو ڪري رهي آهي مگر سنڌ جو عوام هاڻي انهن کي سمجهي ۽ سڃاڻي چڪو آهي پاڻي تي ڌاڙي ۾ پنجاب سان گڏ پيپلز پارٽي به برابر جي شريڪ آهي هنن چيو ته پنجاب مسلسل سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي هنن چيو سنڌ جو عوام پيپلز پارٽي جي مڪر کي سمجهي چڪو آهي جيڪي صرف هاڻي بيان ڏئي رهيا آهن جڏهن ته سنڌو درياءَ جي پاڻي جو سودو هوا اڳ ڪري چڪا آهن هن وقت سنڌ جا حلالي ماڻهو پاڻي تي لڳندڙ ڌاڙي خلاف سخت مزاحمت ڪري رهيا آهن چاڪاڻ سنڌو درياءَ جو پاڻي اسان لاءِ زندگي موت جو مسئلو آهي جنهن تي پنهنجي جانين جو نذرانو ته ڏئي سگهون ٿا مگر سنڌو درياءَ مان نيڪال ڪڍڻ ڪڏهن به ڪو نه ڏينداسين سنڌ جو شعور هاڻي جاڳي چڪو آهي هنن چيو ته حڪمران هوش کان ڪم وٺن سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ وارو فيصلو جلد واپس ورتو وڃي ٻئي صورت ۾ رمضان شريف کان بعد سخت مزاحمتي احتجاج ڪرڻ سميت روڊ رستا بند ڪري ڇڏينداسين

بقايا 39

برهوڻ روڊ تي پوليس چيڪ پوسٽ سلطان پاتوجو سامهون ڪار ۾ ايندڙ واپاري عبدالجبار پاتوجو کي ڪار ۽ موٽرسائيڪل تي سوار اڻ ڄاتل هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪيس روڪي 25 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. عيد ويجهو ايندي ئي شهدادپور ملدسي لنڊو مقصودورند سرهاڙي پاڇي موري، برهوڻ لانڊي سميت علائقي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي وئي آهي پوليس پڪڙيل بدامني تي ڪنٽرول ڪرڻ بجاءِ منشيات ۽ سماجي برائين جي هلائڻ پويان رڌل آهي . متاثر واپاري عبدالجبار پاتوجو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته شهدادپور جي بئنڪ مان پئسا ڪيرائي ڪار ۾ ڪٽي برهوڻ ۾ پنهنجي پيدي تي وڃي رهيو هيس ته پوليس چيڪ پوسٽ سلطان پاتوجو سامهون ڪار ۽ موٽر سائيڪل تي سوار هٿيارٻند ڦورن ڪيس روڪي 25 لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا. هن وس وارين اختيارين جو ڌيان ڇڪائيندي گهر ڪئي ته ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي سائنس انصاف ڪيو وڃي،

بقايا 40

اميرشاهه، مير مرتضا چانڊيو پيراميڊيڪل اسٽاف محراب پنهور ، حاجي حسين درس، فريد خواجه ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 01

سکر جي ملازمن پگهارون نه ملڻ خلاف 25 ڏينهن بہ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويواحتجاجي مظاهري جي اڳواڻي عبدالقيوم ڪوسو جان محمد سولنگي، اختيار علي، آغا طاهر مغل ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته ستن مهينن کان پگهارون بند آهن پگهارون بند هجڻ ڪري ٻارڙا ٻڪون ڪاٽڻ تي مجبور آهن گهرن ۾ فاقا ڪشي واري صورتحال آهي ملازمن کي ڪا به سهولت فراهم نه ٿي ڪئي وڃي، عيد ويجهو آهي جنهن سبب پريشان آهيون مظاهرين مطالبو ڪيو ته ملازمن کي پگهارون فوري طور بحال ڪري آن لائين منتقل ڪئي وڃي جيڪڏهن عيد کان اڳ پگهارون بحال نه ڪيون ويون ته ڪراچي سي ايم هائوس آڏو ڊرڻو هڻي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ تي مجبور ٿي ويندا سين

بقايا 02

پرست ۽ سياسي جماعتن پاران ريليون ڪڍي احتجاج ڪيو ويو تفصيل موجب جئي سنڌ قومي محاذ. ايس يو پي .قومي عوامي تحريڪ ۽ نيشنل پيپلزپارٽي، جي يو آءِ منياڻي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن پاران ڌار ڌار ريليون ڪڍيون ويون جڏهن ته جئي سنڌ قومي محاذ جي فيصل مستوئي شهبازمستوئي جي اڳواڻي ۾ هاءِ اسڪول منياڻي کان ريلي ڪڍئي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي جي ايم چوڪ تي پهتي جڏهن ته ايس يو پي جي فياض شيخ ۽ معراج سنڌي جي اڳواڻي ۾ ناروشاهه بس اسٽاپ کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا پڻ جي ايم سيدچوڪ تي پهتي ٻئي پاسي قومي عوامي تحريڪ جي سٽي صدر عرفان چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جيڪا پڻ سائين جي ايم سيد چوڪ تي پهتي جڏهن ته جي يو آءِ جي ريلي مولانا مبين احمد پرت جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي جيڪا پڻ سائين جي ايم سيد چوڪ تي پهتي جڏهن ته نيشنل پيپلزپارٽي جي نظيراحمد مستوئي جي اڳواڻي ۾ مستوئي هائوس کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا پڻ سيد جي ايم چوڪ تي پهتي جتي نڪتل ريلون گڏ ٿيڻ کان پوءِ جلسي جي صورت اختيار ڪري ويون جتي ريلي جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي درياءَ تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو سندن چوڻ هو ته سي ايم سنڌ پنهنجي اخلاقي ساک وڃائي ويٺو آهي ڇاڪاڻ ته سي ايم سنڌ ڪجهه ڏينهن اڳ نهنڊڙ ڪينالن بابت بيان ۾ چيو ته ڪو به ڪينال نه ٺهي رهيو آهي وري بعد ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد منظوري ڪري پنهنجي يي بيان جي نفي ڪيي آهي. سندن چوڻ هو ته سنڌو آسان جي ايندڙ مستقبل جو جياپو آهي جيڪو وفاق پاران کسڻ جي ڪوشش آهي جنهن ۾ سنڌ جي حڪمران جماعت کي ملوث سمجهون ٿا

بقايا 03

سان سنڌ جي عوام خاص ڪري ساحلي ضلعن جهڙوڪ بدين، سجاول، ٺٽي ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي. جي عنوان سان ابراهيم حيدري ۾ جشن ملهايو ويو. تقريب لاءِ ابراهيم حيدري جي درگاهه تي مختلف علائقن مان عورتن سميت سوين ماڻهو گڏ ٿيا. هن تاريخي جلسي ۾ مختلف ساحلي علائقن جي ماهيگيرن پڻ شرڪت ڪئي، جنهن جو مقصد سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي وڌندڙ ڪوٽ خلاف آواز اٿارڻ هو. تقريب جو بنيادي مقصد سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ ۽ ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ بابت ڪافي عرصي کان پريشان ماهيگير برادري جي خدشن کي اجاگر ڪرڻ هو. پاڪستان فشر فوڪ فورم جي اڳواڻن چتاءُ ڏنو ته تجويز ڪيل واهه ساحلي علائقن کي مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيندو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جا لکين ماڻهو پاڻي جي کوٽ جو شڪار ٿي ويندا ۽ پيئڻ جي پاڻي کان به محروم ٿي ويندا. پاڪستان فشر فوڪ فورم جي چيئرمين مهران علي شاهه مطالبو ڪيو ته وفاقي حڪومت تڪراري پروجيڪٽ فوري طور تي رد ڪري. ان موقعي تي هڪ بوٽ ريلي پڻ ڪڍي وئي.

بقايا 04

پل ويجهو سنڌو درياءَ ۾ ٻه ڀائر 9 سال آڪاش، 12 سال پرڪاش ولد پرنا باگڙي ٻڏي فوتي ٿي ويا وارثن موجب ٻنهي جا پير ترڪڻ سبب درياءَ ۾ ڪري فوت ٿي ويا جن جي لاشن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي اصل قاضي احمد شهر جا رهواسي آهن پر ڪجهه وقت اڳ درياءَ جي ڀرسان ڇانهي جو فصل ڪاهيو هو اتي رهندا هئا اهڙي واقعي بعد سندن گهر ۾ ماتم مچي ويو سندن حولي واريون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون

بقايا 05

بيماري کان پوءِ وفات ڪري ويامجلس وحدت مسلمين پاڪستان جي صوبي جنرل سيڪريٽري چوڌري اظهر حسن، ضلعي صدر محسن سجاد اتراءِ ۽ ٻين طرفان سيد عالم شاهه موسوي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي جاري ڪيل تعزيتي بيان ۾ هنن چيو ته سيد عالم شاهه موسوي جي مسلمانن جي اتحاد لاءِ قيمتي خدمتون مثالي آهن. جن کي هميشه ياد رکيو ويندو مرحوم جي علمي ۽ ديني خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪجي ٿو مرحوم هميشه مسلمانن جي اتحاد جا داعي رهيا. هنن سڄي زندگي فرقي واري هم آهنگي لاءِ وقف ڪئي.

بقايا 06

ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي شيعا اڳواڻ مولانا امير حسين ساجدي زوار جاويد علي راهو حسيني شيرمحمد جوکيو سرمد علي تانوري زوار علي گل جوڻيجو زوار قربان علي ملاح زوار محبوب علي جوڻيجو ۽ ٻين خطاب ڪندي هنن چيو ته ڪئنالن کي اسان رد ڪرڻ جي گهر ڪيو ٿا هنن وڌيڪ چيو ته اسان سمورن ڪئنالن کي رد ڪيون ٿا ۽ افسوس آهي جو اسان جا حڪمران ايم پي اي ايم اين اي هن اهم مسئلي تي خاموش آهن آسان سڀني کي هن اهم اشوتي گڏ ٿيڻ گهرجي. هي صرف پاڻي جو مسئلو ناهي هي اسان جي جيئڻ مرڻ جو مسئلو آهي هنن مطالبو ڪيو ته سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ وارو منصوبو فل فور رد ڪيا وڃن.

بقايا 07

نيون ڪئنالون ناهڻ جي خلاف ڪاري ڏينهن جي گڏيل سڏ تي سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر سليم سهتو ۽ جنرل سيڪريٽري جاويد جتوئي جي قيادت ۾ سکر پريس ڪلب تي ڪارو جهنڊو چاڙهي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ سکر پريس ڪلب جي صدر ظهير خان لودي، جنرل سيڪريٽري امداد بوزدارنائب صدر شهزاد تاباني،ايس يو جي نائب صدر خالدٻانهيڻ، رياض راجپوت، فناس سيڪريٽري ڪامران شيخ سميت صحافين جي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي شرڪت ڪئي، صحافين جي احتجاج ۾ سنڌو درياهه بچايو ڪميٽي جي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ جو عوام سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ کي رد ڪري چڪو آهي.

بقايا 08

حاضر ڪري باٿ روم کان واپس آيل استاد سان مبينہ طور آپي مان نڪري بداخلاقي بدتميزي ۽ تذليل. پ ٽ الف شهدادپورجي صدر طرفان سخت مذمت شهدادپور لڳ گورنمينٽ پرائمري اسڪول مبين فقير ڪيريو ۾ باٿ روم ويل حاضر هيڊ ماستر استاد صدورو ڪيريو کي بائيو ميٽرڪ ٽيم حاضري ڪرڻ لاءِ پهتل مانيٽرنگ آفيسر صدام دل ويڻل ٻارن کي اسڪول کان ٻاهر ڪڍي باٿ روم ويل حاضر استاد کي بايو ميٽرڪ ۾ غير حاضر ڪري ڇڏيو باٿ روم کان واپس آيل استاد جڏهن ڪيس بائيو ميٽرڪ ڪرڻ لاءِ چيو ته مانيٽرنگ آفيسر آپي مان نڪري استاد سان مبينہ طور بدتميزيءَ بداخلاقي ڪري روانو ٿي ويو ان سلسلي ۾ رابطي ڪرڻ تي پرائمري استاد صدورو ڪيريو ٻڌايو ته آئون اسڪول ۾ حاضر رهندي ٻارن کي ڪلاس ۾ ڇڏي باٿ روم ۾ ويل هوس پويان مانيٽرنگ آفيسر پهچڻ سان ئي ٻارن جي ٻڌائڻ باوجود ٻارن کي اسڪول مان ٻاهر ڪڍي فوٽو ڪڍي مون کي بائيو ميٽرڪ ۾ غير حاضر ڪري ڇڏيو ۽ باٿ روم کان واپس اچي منهنجي بائيوميٽرڪ حاضري ڪرڻ جو ڪيس چيو ته مانيٽرنگ آفيسر مون سان بداخلاقي ڪري بدتميزي سان پيش اچي گهٽ وڌ ڳالهائي روانو ٿي ويو

بقايا 09

قريشي گروپ پاران چنڊڻ موري کان 3 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪيو. مارچ ۾ سياسي - سماجي علمي ادبي- شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سنڌو درياهه مان تڪراري ڪينال ناهي سنڌ کي سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. سنڌو درياءُ مان واهن. شاخن ۾ پاڻي نه ايندو ته سنڌي ماڻهن جو قتلام ٿي ويندو. تفصيل موجب جسقم بشير قريشي گروپ جي سڏ تي فريدآباد ۾ جسقم اڳواڻ ايڊووڪيٽ عاشق سولنگي - وزير حسين سولنگي. ايس يو پي اڳواڻ ظفر سولنگي - نادر چانڊيو -جي ڊي اي اڳواڻ ڪائونسلر محمد امين بروهي -شفيق احمد چنا. ڪامريڊ نثار خاصخيلي. نديم سنڌي. صديق چانڊيو .انيس چانڊيو ظهير چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين قومي ڪارڪنن جو مارچ. سخت نعريبازي ڪري سٽي گيٽ تي پهتا - انموقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه مان 6 تڪراري ڪينال ڪڍيا پيا وڃن. سنڌو درياهه مان پاڻي نه ايندو ته سنڌ جو زمينون بنجر ٿي وينديون

بقايا 10

شاهه اياز شاهه ۽ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳواڻ لقمان ڪاتيار، شبير عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پارٽي جهنڊا ۽ ڪينالن خلاف بينر کڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي، مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو

چوڻ هو ته سنڌو درياءَ سنڌين جي ڪروڙين ماڻهن جو پالڻهار درياءَ آهي ۽ وفاقي حڪومت پ پ سان گڏجي سنڌو درياءَ مان ڇهه نوان ڪينال ڪڍي رهي آهي ۽ اهي ڪينال نڪرڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي.

بقايا 11

وزيراعليٰ هائوس سنڌ، ڪراچي ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، صوبائي وزير، خاص مددگار، صلاحڪارن، ترجمان، ڪاروباري برادري جي ماڻهن، سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب دوران خطاب ڪندي، بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جعفر ايڪسپريس هاءِ جيڪ ڪانپوءِ اسان جي سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن کي بهادري سان شڪست ڏني، جنهن تي پاڪ فوج کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. هن چيو ته مذهبي انتهاپسندي ۽ دهشتگردي خلاف پوري سگهه سان وڙهنداسين ۽ سنڌ حڪومت عوامي فلاح و ڀلائي جي منصوبن تي ڪم جاري رکندي. هن وڌيڪ چيو ته قومي اسيمبلي ۾ نون ڪينالن جي معاملي تي واضح موقف اختيار ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جا ماڻهو وڌيڪ روزگار جا موقعا گهرن ٿا، پر سرڪاري نوڪريون محدود هجڻ سبب حڪومت هاڻ اِن سڌيءَ طرح نوڪري جا موقعا پيدا ڪندي. هن چيو ته ٻوڏ متاثرن کي گهر فراهم ڪرڻ سان گڏ عورتن کي ملڪيت جا حق به ڏنا پيا وڃن ته جيئن هو مالي طور مستحڪم ٿي سگهن. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته نجي شعبي ۾ وڌيڪ روزگار جا موقعا موجود آهن، تنهنڪري اُن کي به هن پليٽ فارم جو حصو بڻجڻ گهرجي ته جيئن سنڌ جي هُنرمند نوجوانن کي نوڪريون ملي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي يوٿ ونگ ۽ پي ايس ايف هن ايپ جي مشهوري لاءِ مهم هلائيندا ته جيئن وڌ کان وڌ نوجوان ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن سنڌ جي عوام کي اها خوشخبري به ڏني ته هاڻي هو آڪسفورڊ سميت دنيا جي بين وڏين يونيورسٽين ۾ به تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته مهانگائي ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي، جيڪو سلو سنئون آهي، ۽ حڪومت جديد ٽيڪنالاجي جو وڌ کان وڌ استعمال يقيني بڻائيندي. وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت جاب پورٽل لانچ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تي صوبي جا نوجوان پنهنجي رجسٽريشن ڪرائي سگهندا. هن چيو ته هن پليٽ فارم تي نوڪري فراهم ڪندڙ ۽ روزگار جا متلاشي هڪ ئي هنڌ گڏ ٿيندا. جنهن سان صوبي جي ترقيءَ جي رفتار تيز ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته نوڪري فراهم ڪندڙ ۽ تلاش ڪندڙ سڀني ي گذارش آهي ته هو وڌ کان وڌ هن پورٽل تي رجسٽريشن ڪرائين. وزيراعليٰ ٻڌايو ته هڪ کان چار گريڊ جي نوڪرين جا اشتهار به هن پورٽل تي ڏنا ويندا. جڏهن ته پنج کان پندرنهن گريڊ جون نوڪريون آءِ بي اي جي ذريعي ڏنيون وينديون ته جيئن مڪمل شفافيت کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته هن پورٽل کي عارضي نوڪرين سان به ڳنڍيو ويندو ته جيئن مختلف منصوبن ۾ عارضي طور ڪم ڪندڙ ماڻهن کي به موقعا ملي سگهن. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي هميشه عوام جي سڀ کان وڏي پارٽي بڻجي سامهون آئي آهي ۽ اسان پنهنجي ڪارڪردگي سان صوبي جي ماڻهن جي وڌيڪ خدمت ڪندا رهنداسين. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت 21 لک گهرن جي تعمير جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي، جن مان 8 لک کان وڌيڪ مڪمل ٿي چڪا آهن. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ ٺهيل گهرن کي ڪنهن ملڪ سان ڀيٽيو وڃي ته اهو دنيا جي 800 ملڪن کان وڏو هوندو. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي 65 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي، تنهنڪري سنڌ حڪومت هي جاب پورٽل متعارف ڪرايو آهي. هن چيو ته هن ايپ ذريعي نه رڳو پڙهيل لکيل پر هُنرمند ماڻهو به پنهنجو سي وي اپلوڊ ڪري سگهندا ته جيئن ڪين سندن قابليت موجب نوڪري جا موقعا ملي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت نجي شعبي جي ادارن سان به رابطو ڪيو آهي ته جيئن هو به هن پورٽل ذريعي روزگار جا موقعا فراهم ڪن. هن چيو ته گهڻا نوجوان سرڪاري نوڪرين کي ترجيح ڏين ٿا، پر حقيقت اها آهي ته پيپلز هائوسنگ اسڪيم جهڙا وڏا منصوبا به روزگار پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته مختلف منصوبن ذريعي نوجوانن کي هُنرمند بڻايو پيو وڃي ۽ هن پورٽل ذريعي نه صرف سرڪاري پر نجي شعبي ۾ به نوڪري جا موقعا مهيا ڪيا ويندا. هن زور ڀريو ته جاب پورٽل کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت قائم ڪيو ويو آهي، ۽ هي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن جو اهم حصو آهي. هن جاب پورٽل جي قيام کي هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته هن قدم سان بي روزگار نوجوانن کي بهتر روزگار جا موقعا ملندا. ۽ نجي توڙي سرڪاري شعبي ۾ نوڪري لاءِ درخواست ڏيڻ آسان ٿي پوندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ موقعن جي سرزمين آهي، جتي ٽيلنٽ ۽ ترقيءَ جي بيپناهه صلاحيت موجود آهي. پيپلز پارٽي جي قيادت هيٺ، سنڌ صوبي بي مثال ترقي ڏٺي آهي ۽ هي جاب پورٽل به ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن چيو ته هن پورٽل ذريعي هنرمند نوجوانن کي سندن قابليت مطابق نوڪريون ڏنيون وينديون. ۽ هي پورٽل روزگار جي تلاش ۾ ماڻهن لاءِ هڪ "گيم چينجر" ثابت ٿيندو. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام جي بهتري لاءِ ڪم ڪندي رهندي ۽ نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي ڏني ويندي. هن چيو ته هي جاب پورٽل سنڌ جي بي روزگار نوجوانن لاءِ هڪ اميد جو ڏيئو آهي، جنهن ذريعي نه رڳو سرڪاري پر نجي شعبي ۾ به روزگار جا موقعا فراهم ڪيا ويندا.

بقايا 12

فوج جي جوانن پنهنجي جانين سان ڪيڏي دهشتگردن هٿان يرغمال بڻايل سمورن مسافرن کي حفاظت سان آزاد ڪرايو جنهن تي بهادر جوانن ۽ بلوچستان سرڪار کي سلام پيش ڪيون ٿا،سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جعفر ايڪسپريس تي حملو اصل ۾ پاڪستان جي دل تي حملو آهي، اهڙا حملا ملڪ جي معيشيت کي ڪاپاري نقصان پهچائڻ لاءِ دشمن ملڪ ڪرائيندا آهن، سندس چوڻ هو ته هن خطي ۾ هٽ وٺي دهشتگردي ڪرائي پئي وڃي،بلوچستان مان بدامني ختم ٿي ته انٽرنيشنل سطح تي خود ڪفيل صوبو بڻجي ويندو ۽ پاڪستان جي قسمت تبديل ٿي سگهي ٿي، اجلاس دوران سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس ترميمي بل سميت به سرڪاري بل گڏيل طور پاس ڪيا ويا تفصيل موجب سنڌ اسيمبلي ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۾ جعفر ايڪسپريس تي حملي ۽ مسافرن کي يرغمال بڻائڻ واري واقعي خلاف مذمتي ٺهراءُ پيش ڪيو جيڪو گڏيل طور تي منظور ڪيو ويو. وڏي وزير سيد مراد علي ٺهراءُ پيش ڪندي چيو ته پاڪ فوج جي جوانن پنهنجي جانين سان ڪيڏي دهشتگردن هٿان يرغمال بڻايل سمورن مسافرن کي حفاظت سان آزاد ڪرايو جنهن تي بهادر جوانن ۽ بلوچستان سرڪار کي سلام پيش ڪيون ٿا.

بقايا 13

تي حملي ڪانپوءِ ڀارتي ميڊيا پاڪستان خلاف بيانيو گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي، ڀارت بلوچستان ۾ دهشتگردي جو مُک اسپانسر آهي. بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي سان گڏ پريس ڪانفرنس دوران احمد شريف چيو ته ڀارتي ميڊيا هٿرادو ذهانت واري ٽيڪنالاجي ۽ دهشتگرد گروپن جي وڊيوز کي پاڪستان مخالف بيانئي طور استعمال ڪيو. هن ٻڌايو ته حملو هڪ ڏورانهين ۽ ڏکئي علائقي ۾ ڪيو ويو. جتي دهشتگردن پنهنجي پروپيگينڊا کي هٿي ڏيڻ لاءِ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل جعلي وڊيوز ٺاهيون، جيڪي ڀارتي ميڊيا مختلف پراڻين وڊيوز سان گڏ هلائي، پاڪستان خلاف بيانيو گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي. احمد شريف موجب، دهشتگرد افغانستان ۾ موجود پنهنجي هينڊلرن سان رابطي ۾ هئا ۽ انهن ۾ آپگهاتي بمبار پڻ شامل هئا. ڊي جي آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته آپريشن دوران ڪو به جاني نقصان نه ٿيو. سيڪيورٽي فورسز ڀهريان انجڻ ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري سمورين بوگين کي ڪليئر ڪرايو. هن چيو ته فوج، ايئر فورس، فرنٽيئر ڪور ۽ ڪمانڊوز آپريشن ۾ حصو ورتو آپريشن دوران ڪنهن به مسافر کي نقصان نه پهتو. ڊي جي آءِ ايس پي آر موجب، دهشتگردن کي افغانستان ۾ اسپيس ملي رهيو آهي، جتي ڪين تربيت ڏيڻ جا ثبوت موجود آهن. پريس ڪانفرنس دوران ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته فورسز جي آپريشن دوران 33 دهشتگرد ماريا ويا. دهشتگردن جي فائرنگ سبب 25 شهري ۽ پاڪ فوج جا چار جوان شهيد ٿيا، 354 يرغمالي بازياب ڪرايا ويا، جڏهن ته 35 زخمين جو علاج جاري آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر موجب، ضرار ڪمپني جا ڪمانڊوز ڀهريان ٽرين جي انجڻ تائين پهتا. جتان هو اندر داخل ٿيا ۽ دهشتگردن کي انجام تائين پهچايو. هن ٻڌايو ته دهشتگردن عورتن ۽ ٻارن کي ريل ۾ ئي رکيو، جڏهن ته ٻين مسافرن کي ٻاهر وٺي ويا، سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن کي سنائپرز ذريعي نشانو بڻايو. ان موقعي تي بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي جعفر ايڪسپريس تي حملي جي مذمت ڪندي چيو ته دهشتگردن بلوچن جي روايتن کي پائمال ڪيو آهي. سندن مقصد پاڪستان کي غير مستحڪم ڪرڻ آهي، پر پاڪ فوج جي وقت سر ڪارروائيءَ سان وڏي

انساني الميي کي روڪيو ويو. هن وڌيڪ چيو ته دهشتگردن کي افغانستان مان مدد ملي رهي آهي ۽ وٽن جديد پرڏيهي هٿيار موجود هئا. جعفر ايڪسپريس تي حملو ڀارت جي پاليسين جو حصو آهي، جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ آهي. ياد رهي ته 11 مارچ تي ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس تي بلوچستان جي علائقي بولان ۾ هٿياربند ماڻهن حملو ڪري مسافرن کي يرغمال بڻايو هو. ٽرين ۾ 400 کان وڌيڪ ماڻهو سوار هئا. جڏهن ته واقعي جي ذميواري پابندي مڙهيل تنظيم بي ايل اي قبول ڪئي هئي.

بقايا 14

نظام لاڳو ڪري آءِ ايم ايف جو مطالبو پورو ڪري ڇڏيو ايف بي آر طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، صنعتي شعبي جي پيداوار جي نگراني ڪئي ويندي، جتي سينٽرل ڪنٽرول يونٽ ايف بي آر کي ريئل ٽائيم ڊيٽا فراهم ڪندو. ايف بي آر جو چوڻ آهي ته پيداوار جي رڪارڊ جو تجزيو ڪري قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي، جڏهن ته وڊيو مانيٽرنگ ڪانساءِ ڪوبه مال فيڪٽري مان ٻاهر نه ٿي سگهندو، نگراني لاءِ سامان لائسنس يافته وينڊر ذريعي نصب ڪيو ويندو ان کان ڪانساءِ لاڳاپيل ونڊر کي وقت به وقت نصب ٿيل ٽيڪنالاجي کي اپ گريڊ ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو آهي.

بقايا 15

سڏ تي وڏي انگ ۾ وڪيلن پاران هڙتال ۾ ٻينر ڪٽي دادو بار کان دادو مورو پل تائين مارچ ڪري سنڌو درياهه تي گل نڇاور ڪري پيتا پيش ڪئي، بار جي وڪيل عبدالخالق ٻگهيو، علي بخش لنڊ، سنبل شاهه جي اڳواڻي ۾ وڪيلن، سياسي، سماجي، قومپرست تنظيمن جي اڳواڻن چيو ته سنڌ جو بچو بچو سڄاڳ ٿي چڪو آهي، سنڌو درياهه تي ڪئنال اڏڻ ڪنهن به صورت ۾ نه ڏيبو پاڻي اسان جي زندگين جو مسئلو آهي پاڻي نه ملندو ته زندگي کهڙي ڪم جي سنڌ جي نمائنده اسيمبلي ڪئنالن کي رد ڪري چڪي آهي.

بقايا 16

قومپرست ڌرين، جن ۾ جئي سنڌ قومي محاذ، سنڌ ترقي پسند پارٽي، عوامي ورڪرز پارٽي ۽ ٻين تنظيمون ۾ڀرپور شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پارٽي جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڇڏيا، جن تي " سنڌو جي ورهاست نامنظور " ۽ "6 ڪينال ناهڻ بند ڪريو" سنڌو تي ڌاڙو نامنظور "جهڙا نعرا لکيل هئا. مظاهرين سنڌو درياهه مان وڌيڪ ڪينال ڪڍڻ جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪندي حڪومت خلاف زوردار نعريبازي ڪئي،ريلي کي خطاب ڪندي ايس يو پي جي اڳواڻ حضرت الله مزاري چيو ته سنڌو درياءِ ، سنڌ جي زراعت ۽ ماحوليات لاءِ زندگيءَ جي علامت آهي. هن چيو ته وڌيڪ ڪينال ڪڍڻ جو منصوبو اصل ۾ سنڌ جي زمينن کي بنجر بڻائڻ جي سازش آهي. هن واضح ڪيو ته سنڌ جي پاڻيءَ تي ڪنهن به ڌاڙي کي قبول نه ڪيو ويندو.

بقايا 17

گلن ۽ لفظن جي پيتا پيش ڪئي ان سلسلي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن سکر پاران سنڌو درياهه مان غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف ڀرپور احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ضلعي بار سکر کان شروع ٿي سکر پريس ڪلب کان ٿيندي زيرو پوائنٽ سنڌو درياهه جي مقام تي ختم ٿي ريلي ۾ وڪيلن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. سنڌوءَ درياهه کي گلن جي پيتا پيش ڪئي، اڳواڻن چيو ته سنڌو سان ئي هزارين سال سنڌ جي پراڻي تهذيب جي سڃاڻپ آهي سنڌو متان ڪوبه ڪئنال قبول نه ڪيو ويندو سنڌ کي ان جي پاڻي جي جائز حقن کان محروم ڪيو پيو وڃي جنهن سبب صوبو سخت پاڻي جي بحران ڏانهن وڌي رهيو آهي. ارسا (انڊس ريور سسٽم اٿارٽي) جي ضابطن ۽ پاڻي جي ورهاست جي معاهدن جي پيچڪڻ تي رهي آهي جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ پاڻي جي سخت ڪوٽ. ڏڪار، زراعت ۽ معيشت تي تباهه ڪندڙ اثر پيو آهي. سنڌو درياءِ تي غير قانوني ڪينال ڪڍي سنڌ جي عوام سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان هر فورم تي سنڌ جي پاڻي جي حق لاءِ آواز بلند ڪنداسين

بقايا 18

احمد خان زئور جي سڏ تي وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻن ۽ نوجوانن پاران ڳوٺ ستار سنگت جي صدر غلام نبي زئور، جنرل سيڪريٽري شفيع محمد زئور، نانا سرائي محمد عثمان زئور، لطيف زئور، جي ايم زئور، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور، واپاري ايسوسيئيشن جي صدر عبدالغفور ميمڻ، ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالغني ملاح، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ يوسف ڪنڀار، شهري اڳواڻ خالد کٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ احمد خان زئور کان شهر تائين هڪ ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري سنڌو تي نوان ڪئنال نامنظور، درياهه تي ڌاڙو نامنظور، پاڻي تي ڌاڙو نامنظور جي نعريبازي ڪئي وئي آهي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه اسان جو جياپو آهي ان تي نوان ڪئنال ناهڻ وارو فيصلو سنڌي ماڻهن کان زندگي کسڻ جي سازش آهي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي.

بقايا 19

جي اڳواڻي ۾ مدرسہ تاج العلوم کي اين شاهه کان پريس ڪلب تائين 6 تڪراري ڪئنال خلاف پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياءَ تي ڌاڙو نامنظور سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ بند ڪريو نااهل حڪمران سنڌ جا ڪڏهن سڄڻ ٿي نه ٿا سگهن هنن وڌيڪ چيو ته هن چيو ته ڪئنال وفاق ۽ سنڌ جي ناهه سان ٺهن پيا اهو منصوبو سنڌ لاءِ خطرناڪ آهي ڪئنال جي رٿا توڙي زمين جي والار ڪنهن به ريت قبول نه آهي جنهن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي وينديهنن چيو ته 1991ع پاڻي ناهه جي پيا نمبر جارتحت ڪئنال ڏئنهن ناهي سگهجن ٿا جڏهن درياءِ ۾ اضافي پاڻي هجي اسان وٽ ايترو پاڻي آهي ئي ڪون جو ڪئنال ٺاهيون، پنجاب ٻڌائي ته نون ڪئنالن لاءِ پاڻي ايندو ڪٿان مطلب ته هو سنڌ جي حصي جو پاڻي ڪٽيندا ياد رهي ته پنجاب پنجاب جي درياءَ انڊيا کي وڪرو ڪري ڇڏيا هئا . هن چيو ته سنڌ سرڪار هر سال ساٿوڻي کان پوءِ سروي ڪرائي وفاق کي امالي، پاڻي جي منصفاڻي ورڇ جي ٽيلي ميٽري سسٽم کي فعال بڻايو وڃي ۽ عالمي ماهرن کان پاڻي جي ڪٽ ڪرائي وڃي پاڻي جي اڪائونٽبلٽي ۽ آڊٽ ٿيڻ گهرجي پنجاب جي هيراڦيري کي چيلينج ڪرڻ گهرجي ۽ نه ته نوان ڪئنال ڪڍي سنڌ کي معاشي طور تي تباهه ڪيو ويندو.

بقايا 20

ڊسٽرڪٽ بار شهيد بينظير آباد ۽ تعلقا بار جي وڪيلن پاران سنڌو درياهه پهچي گلن سان پيتا پيش ڪندي سنڌو درياءَ مان ڪئنال نامنظور سخت نعري بازي ڪئي. تفصيل موجب دريائن جي عالمي ڏهاڙي تي ڊسٽرڪٽ بار شهيد بينظير آباد جي وڪيل اڳواڻن ۽ تعلقي بار جي وڪيل اڳواڻ سنڌو درياهه پهچي ريلي جي صورت ۾ سنڌو درياءَ مان گل ڇٽي پڻ پيتا پيش ڪئي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار شهيد بينظير آباد جي جنرل سيڪريٽري نعيم منگي ايڊووڪيٽ خالد سرهيو، ايڊووڪيٽ سائين بخش زرداري، ايڊووڪيٽ رحيم لاشاري، تعلقا قاضي احمد بار جي صدر امتياز علي چانڊيو جنرل سيڪريٽري اشتياق احمد مهر ايڊووڪيٽ الله بخش چانڊيو ايڊووڪيٽ راشد علي ماجونو ايڊووڪيٽ منور علي راهو ايڊووڪيٽ علي گل ڪورڪائي ايڊووڪيٽ وقار علي خاصخيلي ايڊووڪيٽ امان الله جتوئي ايڊووڪيٽ نظير جتوئي ايڊووڪيٽ ذوالفقار علي راهو علي گوهر ٻگهيو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي سرسبز زمين کي سڪائي وفاق پاران پنجاب جي ٿر کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو درياهه مان غير قانوني ۽ غير شرعي عمل آهي.

بقايا 21

ڪاريون پٽيون ٻڌي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڪينال اڏڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ڪي ڪي ٻڙدي ، قادر بخش ڪنڀر آصف ملاح، غلام عباس ملاح، شفيع محمد ڇڄڙ، ياسين رند، وقار ملاح، علي خان لاکو ۽ ٻين چيو ته چولستان جي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو درياءَ تي ڪينال اڏڻ سنڌ سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي جيڪڏهن سنڌو تي ڪينال ٺهيا ته سنڌ سڪي ويندي جو ته سنڌ ۾ اڳ ئي پاڻي جي ڪوٽ آهي سنڌو درياءَ سنڌ جو جياپو آهي سنڌو درياءَ تي ڪينال اڏڻ جي مذمت ڪيون ٿا. هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سنڌو تي اڏجندڙ سمورن ڪينالن جو ڪم بند ڪري

بقايا 22

ڪچري کي کليل هنڌن تي ساڙڻ واري خطرناڪ رجحان کي روڪڻ لاءِ سماجي اداري پاران تحقيقي منصوبو شروع. سرڪلر پلاسٽڪ انسٽيٽيوٽ جي ريسرچ سربراهه شازا اسلم پاران شروع ڪيل منصوبي ۾ پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ کليل هنڌن تي ڪچري کي ساڙڻ وارن واقعن کي ميپ ڪيو ويندو ۽ انهن جي سببن ۽ ڪارڻن جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو. ان حوالي سان تحقيق ڪندڙ شازا اسلم چيو ته ريسرچ دوران اهو جائزو ورتو ويندو ته عالمي تناظر ۾ ماحولياتي گدلاڻ کي ڪيترو خطرو آهي ڇاڪاڻ ته ماحولياتي ماهرن موجب سڄي دنيا ۾ ڪچري کي کليل ساڙڻ سان نه رڳو ماحول آلوده ٿئي ٿو پر

ان جا انساني صحت تي به نقصانڪار اثر پون ٿا. خاص ڪري پاڪستان ۽ ڪيترائي ترقي پذير ملڪ ان مسئلي سبب سخت متاثر آهن. اهڙن ملڪن ۾ ويسٽ مئنيجمينٽ جو موثر نظام نه هجڻ سبب ڪچرو اڪثر کليل ميدانن، خالي پلاٽن يا آباديءَ جي آس پاس ساڙيو ويندو آهي. جنهن مان نه رڳو زهريلي گئس خارج ٿيندي آهي پر ٻارن، بزرگن ۽ مريضن لاءِ ساهه جي بيمارين سميت ڪيترائي طبي مسئلا به جنم وٺندا آهن. هن تحقيق جي نتيجي ۾ اهو نڪتو آهي ته پاڪستان ۾ ڪچري کي ساڙڻ جي صورتحال خوفناڪ آهي. پاڪستان جي شهري علائقن ۾ روزانو هزارين ٽن ڪچرو پيدا ٿئي ٿو جنهن مان وڏي مقدار کي صحيح طريقي سان ري سائيڪل يا ڊسپوز نه ڪيو وڃي ٿو

بقايا 23

سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن س اس شاخ ڪراچي جي سيڪريٽري نثارنازڪ ،قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالخالق جوڻيجو، پي ايف يو جي جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ ، صحافي ليکڪ ايوب شيخ ، اخلاق انصاري ،نالبواري قومي راڳي ليکڪ بيدل مسرور ، نوراحمد ميمڻ ، سرور سميجو ، ڪامريڊ زهرا خان، صاحب خان ڀن ، وحيد محسن، سارنگ منير سومرو، رحمت تنيو، پرويز وسطڙو، ارشاد پيرزاد، محمد صالح ساٿي ڪاتيار وحيد سمون، ذوالفقارڪوسو، سارنگ جويو، آفاق پٽي ،حزب الله تنيو ، علي عابد سومرو آصف خان۽ٻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪيي هنن چيو ته سنڌو درياهه مان نهنڊڙ 6 ڪينالن۽ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضي ۽ سنڌو درياهه تي لڳندڙ ڌاڙي خلاف سنڌ جو اديب ليکڪ شاعر صحافي ۽ قلمڪار ڪنهن به ريت خاموش نه ويهندو

بقايا 24

جي سري هيٺ قباءِ آڊيٽوريم ۾ رٽيل علما مشائخ "پاڻي ڪانفرنس" منعقد ڪيو ويندو جنهن جي صدارت جماعت اسلامي سنڌ جو امير ڪاشف سعيد شيخ ڪندو. جڏهن ته ڪراچي کان ڪشمور مختلف مڪاتب فڪر جا جيد عالم سگورا شرڪت ۽ تڪراري ڪئنال ڪڍڻ تي قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندا. جمعيت اتحاد العلماء ۽ مشائخ سنڌ جي صدر حافظ نصرالله چنا جي قيادت ۾ هڪ وفد ڪراچيءَ ۾ پيرحسنين شامي سان ملاقات ڪري کيس پاڻي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. ان موقعي تي علامه حزب الله جکرو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 25

ويو صحافين پاران سنڌو درياءَ تي ڪينال اڏڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صدر غلام قادر پنهور چيو ته سنڌو درياءَ تي ڪينال اڏڻ سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين کي بنجر ڪرڻ آهي سنڌ ملڪ جي ريڙهه جي هڏي آهي اڳي ئي سنڌ کي حصي جو پاڻي نٿو ملي ان کي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي نه ڇڏڻ سبب سمنڊ هزارين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو جيڪڏهن هي ڪينال ڪڍيا ويا ته ڪراچي جي ضلعن سميت ٺٽو سجاول بدين ضلع مڪمل طور ڪجھ عرصي ۾ سمنڊ اندر اچي ويندا

بقايا 26

ڪانسواءِ ڪابه جاندار شيءِ جيئري رهي نٿي سگهي سنڌو درياءَ مان اسان ڪئنال هرگز ڪڍڻ ڪونہ ڏينداسين ان لاءِ پلي اسانکي ڪيڏي به وڏي قرباني ڏيڻي پوي.شاعر اديب اقبال گاڏهي صحافي شاهد چانڊيوالهه وڏايو سيالشاهزيب گاڏهي ذوالفقار علي نانگور شريف سومرو اياز لاشاري عاشق چانڊڪ تعمير سمون ۽ ٻين سموريءَ سنڌ جيئان هالاڻي مان ٻه سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي ۽ جسقم راڄوڻي اتحاد پاران قاضي فيض محمد پارڪ کان نڪتل ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پي پي حڪومت پهريان وا پئي ڪوبہ ڪئنال نه پيو نڪري جڏهن عوامي پريشر ٿيو ته هاڻي پڪا ديشي ۽ قوم پرست ٿي ڪري ڪئنالن جي مخالف ڪري رهيا آهن

بقايا 27

پاران درياهن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌو درياهه تي غير قانوني ڪينالن جي تعمير ۽ بدامني جي راڪاس خلاف پوري سنڌ جيان نصيرآباد جي مختلف مسجدين جي ٻاهران احتجاجي مظاهرا ڪيو ويو، مظاهري ۾ اڳواڻن سخت نعريبازي ڪئي ۽ اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه مان غير قانوني پاڻي ڪڍڻ سبب سنڌ جي زراعت، ماحول ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي تي منفي اثر پئجي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ سنڌ هن اهم مسئلي تي خاموش نه ويهندي ۽ احتجاجي مظاهرن ذريعي عوامي آواز کي حڪومت تائين پهچائي انهن کي ڪئنالن جي بند ڪرائڻ ۾ ڪاميابي ماڻينداسين. پاڻي جي ورڇ ۾ انصاف ۽ غير قانوني ڪينالن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ ۽بدامني کي ڪنٽرول نه ڪرڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 28

ميمڻ چيو آهي ته جعفرايڪسپريس جهڙا واقعا پائمرادو ناهن ٿيندا، پر انهن جي پويان ڪي مقصد ڪارفرما هوندا آهن سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي، سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته بلوچستان جي عوام ۾ احساس محرومي موجود آهي ۽ ماضي ۾ انهن سان زيادتيون ڪيون ويون آهن هن چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، پنهنجي حڪومت نه هجڻ باوجود، بلوچستان جي عوام کان غير مشروط معافي گهري ۽ انهن جي حق ۾ "آغاز حقوق بلوچستان" پيڪيج متعارف ڪرايو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته بلوچستان قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي، جيڪڏهن اُتي امن امان قائم ٿي وڃي ته اهو هڪ خودڪفيل صوبي طور اڀري سگهي ٿو هن چيو ته بلوچستان جا حالتون جاڻي واڻي خراب ڪيون وڃن آهن ۽ ڪجهه قوتون نٿيون چاهين ته هي خطو ترقي ڪري . هن سي پيڪ بابت ڳالهائيندي چيو ته اهو باني آصف علي زرداري هو جنهن گوادر کي هڪ بين الاقوامي بندرگاهه ۾ تبديل ڪيو پر ڪجهه قوتون پاڪستان جي ترقي کان ڊنل آهن ۽ اُتي جي مقامي ماڻهن کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهيون آهن سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته پاڪستان دشمن ملڪ، ڪي پاڙيسري رياستن سان ملي، پاڪستاني قوم کي پاڻ ۾ ويڙهائي رهيا آهن ۽ پاڪستان جي ويجهن دوست ملڪن جي ماڻهن کي نشانو بڻايو پيو وڃي هن ڪراچي يونيورسٽي ۾ پرڏيهي ٻولي سيکارڻ وارن استادن تي ٿيل خودڪش حملي جو حوالو ڏيندي چيو ته اهڙن واقعن مان پاڪستان مخالف قوتن کي فائدو پهچي ٿو شرجيل انعام ميمڻ دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي جي واکاڻ ڪندي چيو ته هو انهن بهادر اهلڪارن کي سلام پيش ڪري ٿو جن جعفر ايڪسپريس جي يرغمالين کي آزاد ڪرايو ۽ دهشتگردن کي مارو هن چيو ته جيڪي ماڻهو واقعي ملڪ سان آهن، انهن کي هٿيار ڦٽا ڪري ڳالهين جي ميز تي اچڻ گهرجي هن زور ڏنو ته سڀني کي گڏجي هن مسئلي جو حل ڪڍڻ گهرجي، ڇو ته پرڏيهي فنڊنگ ذريعي پنهنجي ئي ملڪ کي نقصان رسائيندڙ اصل ۾ ملڪ دشمن آهن

بقايا 29

پيتا درياهن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو، جامشوري ۾ سنڌو درياهه جي ڪناري مختلف تنظيمن طرفان سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاجي ريليون، مظاهرا، هزارين ماڻهن جي شرڪت، سنڌو درياهه کي گلن، گيتن ۽ هولي جي رنگن سان زبردست پيتا پيش ڪئي وئي، ڏهرڪي وچان مان وڃي ڪمار موجب سنڌو درياءَ تي 6 نوان ڪئنال اڏڻ خلاف درياهه بچايو ڪميٽي ۽ وڪيلن سميت مختلف سياسي سماجي ڌرين احتجاجي مظاهرا ڪيا ۽ ريليون ڪڍيون ويون، دريا بچايو ڪميٽي جي سڏ تي نڪتل ريلي ۾ ايس يو پي، پاڪستان فنڪشنل مسلم ليگ گهوٽڪي، پي ٽي آءِ سميت مختلف سياسي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ريلي جي اڳواڻي حاتم خان شر ميان اسلم قادري، غفار شر ۽ ٻين ڪئي، احتجاجي ريلي عوامي چوڪ کان جامع مسجد تائين ڪڍي وئي، هالاڻي ۾ سموريءَ سنڌ جيئان هالاڻيءَ ۾ به سنڌوءَ مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي ۽ جسقم پاران قاضي فيض محمد پارڪ کان ريلي ڪڍي وئي ٺٽي مان عيوض رمضان مين مطابق دريائن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڄي سنڌ جيان ٺٽي ويجهو سنڌو درياءَ جي آخري پل دولهه درياءُ خان تي مختلف سياسي سماجي علمي ۽ ساجاهه وند ڌرين پاران سڄو ڏينهن احتجاجي مظاهرا ڪري سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڌاڙي ۽ ڇهن نون ڪئنال ڪڍڻ خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو محرابپور عبدالله چانڊيو مطابق جسقم محرابپور ۽ سنڌ فڪري فورم جي ميزباني هيٺ جسقم اڳواڻ ضميرمين، سرواڻ جوکيو ۽ سنڌ فڪري فورم جي چيئرمين جاويد نانگراج، سيد ادب حسين شاهه جي اڳواڻي ۾ ٽري روڊ شهيد لالا فهيم کان بابي فردوس تائين سنڌو درياهه مان غيرقانوني 6هن ڪينالن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي سيوهڻ مان عيوض مطابق سنڌوءَ درياهه مان ڇهه غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ خلاف دريا جي عالمي ڏهاڙي تي درياءَ بچايو تحريڪ جي سرواڻ سيد زين شاهه جي سڏ تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقہ سيوهڻ پاران آفيس کان سيوهڻ پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي . ڪنڊڪوٽ مان رپورٽر ذوالفقار علي سومرو

موجب دريائن جي عالمي ڏينهن تي ايس ٽي پي ڪنڊڪوٽ طرفان سنڌو بادشاهه کي پيتا پيش ڪرڻ ۽ سنڌو تي ڪئنال ناهڻ خلاف ايس ٽي پي هائوس کان احتجاجي ريلي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، دوڪنيور صفحن ۾ به درياءَ بچايو سنڌ بچايو ڪاميٽي جي سڏ تي مختلف سياسي، سماجي، ادبي، عوامي حلقن، آبادگارن، هارين، استادن، شاگردن ۽ مختلف ڳوٺن جي رهواسين ڪنپر پيٽرول پمپ کان احتجاجي ريلي ڪڍي نوشهروفيروز ۾ ضلعي رپورٽر مطابق سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي مرڪزي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران تارازو چونڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي نصيرآباد مان رپورٽر اعظم نگڙو موجب سنڌو درياءِ بچايو تحريڪ طرفان نصيرآباد م نل واري ڪارخاني کان تعلقا پريس ڪلب تائين ڇهن ڪينالن خلاف شاندار احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، خيرپور ناٿن شاهه مان عيوضي قربان علي ٻگهيو موجب سنڌو دريا بچايو تحريڪ ۽سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقي خيرپورناٿن شاهه پاران سنڌو دريا تي 6ڪئنالن خلاف ۽ سنڌ جي زمينن تي والارتي ايس يو پي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ماتلي ۾ پڻ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ "ڪئنال نامنظور" جي نعريبازي ڪندي احتجاجي ريلي ڪڍي روهڙي ۾ سنڌو درياءَ مان 6 نوان ڪينال ڪڍڻ خلاف احتجاج وفاقي سرڪار پاران سنڌو درياءَ مان 6 نوان ڪينالن ڪڍڻ خلاف هيومن رائٽس يونٽي فائونڊيشن پاڪستان جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران شرڪت ڪندڙن ٻيڙين ذريعي سنڌو درياءَ جو گشت ڪيو ۽ شديد نعريبازي ڪئي مليرمان ضلعي رپورٽ موجب جي ڊي اي سربراهه پيرپاڳاري جي حڪم تي سڄي سنڌ ۾ درياهن جي عالمي ڏينهن تي سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ، پيڪا ايڪٽ ۽ دهشتگردي واقعن خلاف مرڪزي سڏ تي ڊي اي ملير پاران ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو لاڙڪاڻي مان بيورو مطابق سنڌو درياهه مان زبردستي 6 نوان تڪراري ڪئنال اڏڻ واري منصوبي خلاف مختلف سياسي، سماجي، مذهبي، قومپرست جماعتن توڙي صحافتي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن طرفان ڌار ڌار ريليون ڪڍي احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا. پرياسٽي ۾ به دريائن جي عالمي ڏهاڙي جي پرياسي ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ مختلف قوم پرست پارٽين پاران تڪراري ڪئنال ناهڻ خلاف بينرز ۽ پلي ڪارڊ کڻي گورنمنٽ بوائز هائيرسيڪنڊري اسڪول کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي دادو ۾ به ايس يو پي، ايس ٽي پي ۽ ٻين پارٽين پاران احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو ميهڙ ۾ روزاني پاڪ جي عيوضي عظيم جانوري موجب سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، تحريڪ انصاف، بار ڪائونسل پاران ميهڙ ڪورٽ ۽ ايس يو پي آفيس به پاس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي غوثپور مان حاجي شاهنواز شيخ موجب شهرجي سياسي تنظيم جي يو آءِ پاران سنڌو درياءَ مان وفاقي حڪومت پاران ڇهه ڪئنال ڪڍڻ واري اعلان جي مخالفت ۾ اڄ شهر جي جامع مسجد پرسان هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ڪئنال ناهڻ بند ڪريو سنڌ سڪائڻ بند ڪريو سنڌ کي بنجر ٿيڻ نه ڏينداسون سنڌ خلاف سازشون نامنظور جا اپ ڊارينڊڙ نعرا لڳايا ويا احتجاجي مظاهرن، ريلين، ڌرڻن ۽ پيادل مارچن کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته وفاق جي ملي ڀڳت سان سنڌو درياءَ تي 6 نوان ڪينال ناهڻ واري منصوبي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، ڪنال ڪڍڻ سنڌ جي عوام سان دشمني آهي ۽ سنڌ کي سڪائڻ جي وڏي سازش آهي، هنن وڌيڪ چيو ته درياءَ جو پاڻي سنڌ جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي، پر حڪمران بضد آهن ته هو لازمي ڪئنال ناهيندا، اڳواڻن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن سنڌو درياءَ تي ڪئنال اڏڻ وارو فيصلو واپس نه ورتو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪري ڇڏينداسين.

بقايا 30

هارين شهرين، واپارين، سياسي، سماجي ڪارڪنن جو متياري ۾ پيادل مارچ ڪيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته زرداري صاحب 7 ڪروڙ سنڌين جي اکين کي ڏس، اوچا ٿيل ڳاٽ ڏس، هاڻ خاموش نه ٿيندا. حڪمران ٻڌي ڇڏين ڪنهن کي به سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ نه ڏينداسين سنڌ اسيمبلي ڪالهه تصديق ڪري ڇڏي ته ڪينالن تي ڪم جاري آهي جيڪڏهن سنڌ حڪومت ڪالهه سچ ڳالهايو ته اڄ تائين چو چپ رهيا هئا ته ڪينال ڪون پيا ٺهن؟ اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلز پارٽي اقتدار لاءِ وسيلن، پاڻي ۽ 18 هين ترميم ڇڏي تان هٿ ڪڍي وٺي آهي چولستان ۽ ٻيا 5 ڪينال ٺهي ويا ته سنڌ بنجر ٿي ويندي. نوان ڪينال ٺاهڻ ۽ چشما ۽ تونسہ ڪينال کي مستقل وهائڻ غير آئيني آهي، سنڌو درياهه تي نوان ڪينال ناهڻ ملڪ جي بقا خلاف سازش آهي سڄي ملڪ جي عوام کي سنڌ جي هارين سان گڏ بيهڻو پوندو.اياز لطيف پليجي چيو ته اسان سنڌ جي حقن لاءِ سڄي پاڪستان جي درن تي دستڪ ڏئي رهيا آهيون. اسان پاڪستان ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ حقيقي جمهوريت چاهيون ٿا سنڌ جا هاري ۽ مزدور بيروزگار آهن. سندن ٻار تعليم کان محروم آهن سنڌ گئس پيدا ڪري ٿي پر سڄي سنڌ ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ آهي سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري جي سخت مزاحمت ڪنداسين. ايازلطيف پليجي چيو ته سينيٽ کي عوام جو حقيقي نمائندو ۽ طاقتور فورم بڻائڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 31

سيشن ڪورٽ کان الله والا چوڪ تائين غير قانوني ڪئنالن خلاف وڪيل برادريءَ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي ريلي جي اڳواڻي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايڊووڪيٽ عبدالستار لهراڻي جنرل سيڪريٽري شوڪت ٻوهيو عبدالرحيم عباسي شڪيل جوکيو ابرار چانڊيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سامراجي قوتون سنڌو درياءَ تي غير قانوني ڪئنال ٺاهي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازشون ڪري رهيا آهن ، پنهنجي ريگستان کي آباد ڪري اسان جي جيجل سنڌ کي تباهه ڪرڻ جي سازش خلاف اسان هر محاذ تي مخالفت ڪندا رهنداسين ۽ ڪينال ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن

بقايا 32

سنڌو درياءَ جي آخري پل دولهه درياءَ خان تي مختلف سياسي سماجي علمي ۽ ساجاهه وند ڌرين پاران سڄو ڏينهن احتجاجي مظاهرا ڪري سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڌاڙي ۽ ڇهن نون ڪئنال ڪڍڻ خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو هنڌ "سنڌو تي ڌاڙو نامنظور. ڪئنال سمورا نامنظور" جا نعرا گونجندا رهيا. عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي صدر جي اين ڪوسو ۽ جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر ماروي پليجو جي اڳواڻي ۾ مڪلي کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا مڪلي کان پيادل مارچ ڪري دولهه درياءَ خان پل تي پهتي جتي درياءَ کي پيتا ڏني وئي. عوامي تحريڪ، پاران مرڪزي نائب صدر نور احمد ڪاتيار، علي محمد پرويز رزاق چانڊيو، قادر رانتوجي اڳواڻي ۾ دوله دريا خان پل تي ريلي ڪڍي وئي ۽ ڪئنالن، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ پاڻي ڪوٽ خلاف نعريبازي ڪئي وئي، ريلي ۾ سوين عورتن، ٻارن ۽ نوجوانن درياءَ کي فلن جي پيتا پيش ڪئي. ريلي ۾ شامل مظاهرين دولهه دريا خان پل تي ڊرڻو هڻي ويهي رهيا جتي قومي گيتن تي ٽيبلو پيش ڪيا ويا. مظاهري کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ۽ ضلعي قيادت خطاب ڪندي چيو ته سنڌوءَ جي پاڻي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي سنڌ کي پڙوانگ ڪرڻ جي سازش تي رهي آهي پر سنڌي ماڻهو پنهنجي درياءَ جي پاڻي جو هڪ ڦڙو به ڪنهن کي چورائڻ نه ڏيندا. سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سيد جلال شاهه، نائو بروهي، حيدر شوري، راجو قريشي جي اڳواڻي ۾ مڪلي کان ريلي ڪڍي وئي دولهه دريا خان پل تي سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي درياءَ کي بچائڻ ۽ ڪئنالن خلاف جدوجهد جو عزم ورجايو ويو. ٺٽي بار ايسوسيئيشن پاران اعجاز شاهه صدام عباسي، عرفات قريشي جي اڳواڻي ۾ سيشن ڪورٽ ٺٽو کان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو وڪيلن ڪئنالن اڏڻ جي سخت مخالفت ڪندي چيو ته ڪئنالن خلاف سنڌ سراپا احتجاج بنيل آهي غير قانوني، غير اخلاقي فيصلي خلاف هر ميدان تي پاڻ ملهائيو

بقايا 33

صحافي جاويد راهوجو جي اڳواڻي ۾ جهاز چوڪ کان لکيدر گهنٽا گهر چوڪ تائين احتجاجي مارچ ڪري سنڌو جي ڌاڙي خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي، احتجاجي مارچ ۾ صحافين،جسم،جسقم،پ پ شهيد ڀٽو،جي يو آءِ،قومي عوامي تحريڪ،پي ٽي آءِ،يوٿ اڳواڻن،شڪارپور بچايو تحريڪ،سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچررز ايسوسيئيشن،وڪيلن ۽ شاگردن سميت سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،ان موقعي تي مارچ کي خطاب ڪندي اڳواڻن جاويد راهوجو سلطان رندعبدالسميع بلالي ۽ ٻين چيو ته سنڌو اسان ۽ ايندڙ نسلن جو جياپو آهي جيڪو نه رهيو ته اسان به نه رهي سگهنداسين،هنن چيو ته سنڌ ۾ اڳئي ڪافي حد تائين پاڻي جي کوٽ آهي ۽ مٿان وري هي چور غيرقانوني ڪئنال اڏي ويتر سنڌو درياهه کي سڪائڻ جي منظم سازش ڪئي وئي آهي. ملڪ جو صدر سنڌي هوندي ۽ پنجاب کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪئنالن واري منصوبي تي صحيح ڪري تاريخ ۾ پاڻ کي غدار ۽ خوار ڪرايو آهي سنڌ جي وارثي ۽ مالڪي خاطر ڪڏهن به خاموش نه ويهنداسين،هنن چيو ته زرداري ٽولي سنڌي قوم

ڪي پنهنجي درياءَ جي مالڪي ڪرڻ لاءِ هڪ ڏسي هاڻي وري يوٽرن ورتو آهي ۽ سنڌ اسيمبلي مان ڪئنالن کي رد ڪرڻ وارو ٺهراءُ پاس ڪرائي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن تڪراري ڪئنالن وارو فيصلو واپس نه ورتو ويو ته احتجاجي تحريڪن جو رخ اسلام آباد طرف هوندو

بقايا 34

آبادي قومي ترقي جي هدفن جي حاصل ڪرڻ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. اهو ئي موضوع ميڊيا ڪائونسل جي گڏجاڻي ۾ بحث هيٺ آيو. جنهن جو اهتمام پاپوليشن ڪائونسل ۽ يو اين ايف پي اي جي سهڪار سان ڪيو ويو. پاڪستان جي مشهور صحافين ۽ ميڊيا جي نمائندن هن گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي ۽ ميڊيا جي طاقت کي انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. پنهنجن خيرمقدمي لفظن ۾، پاپوليشن ڪائونسل جي سينيئر ڊائريڪٽر ڊاڪٽر علي مراد پاڪستان ۾ تيزي سان وڌندڙ آبادي جي اثرن کي اجاگر ڪيو. هن چيو "ميڊيا نه رڳو عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو پر ان ذريعي انهن مسئلن جو حل به پيش ڪري سگهجي ٿو. پاڪستان ۾ وڌندڙ آبادي کي قومي مسئلي طور قبولڻ ضروري آهي." ان موقعي تي، پاپوليشن ڪائونسل جي ڊپٽي مئنيجر ڪميونيڪيشن، اڪرم الحد عالمي سطح تي ميڊيا جي سماجي تبديلي ۾ ڪردار کي اجاگر ڪيو. هن چيو "ميڊيا سڄي دنيا ۾ سماجي تبديلين لاءِ هڪ اهم اوزار ثابت ٿيو آهي. پاڪستان ۾ به صحافت ذريعي نه رڳو سماجي مسئلن کي اجاگر ڪري سگهجي ٿو، پر تيزي سان وڌندڙ آبادي کي هڪ وڏي قومي مسئلي طور تسليم ڪرڻو پوندو." پاپوليشن ڪائونسل جي ڊائريڪٽر ڪميونيڪيشن علي مظهر چوڌري ميڊيا ذريعي آبادي جي مسئلي کي موثر طريقي سان اجاگر ڪرڻ تي هڪ سيشن جي اڳواڻي ڪئي. هن ڪوشش ڪئي ته ميڊيا جا ميمبر تيزي سان وڌندڙ آبادي جي چئلينجن کي سمجهن ۽ انهن کي پنهنجي پليٽ فارمن تي نمايان ڪن، ته جيئن مثبت اثر پيدا ٿي سگهن. مشهور

صحافين مختلف خيالن ۽ تجويزن جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته "ميڊيا هن مسئلي کي قومي سطح تي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو." گڏجاڻي ۾ پاڪستان براڊڪاسٽنگ ايسوسيئيشن، آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي، سي پي اين اي، پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس، ايڇ بي ايل ميگزين، ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام، صحت جي مختلف منصوبن جي نمائندن شرڪت ڪئي ۽ تجويز پيش ڪئي ته سماجي تحفظ جي نيٽ ورڪ ۾ خاندان منصوبابندي جي سهولتن کي به شامل ڪيو وڃي. روزاني ايڪسپريس جي سينيئر پروڊيوسر اڪرم جنيد تيزي سان وڌندڙ آبادي سان لاڳاپيل مسئلن جي رپورٽنگ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي تجويز ڏني.

بقايا 35

جي احتجاجي ريلي رٽائرڊ فوجي ملازمن جي تنظيم پاڪستان ايڪس سروس سوسائٽي پيس ضلع دادو پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاجي ريلي ۾ شامل رٽائر فوجين ڪئنال ڪڍڻ خلاف زوردار نعريبازي ڪندا رهيا.. احتجاجي ريلي جي اڳواڻي ضلع دادو صدر فداحسين سولنگي عبدالڪريم منگي بخت علي جوڻيجو علي خان چنو ۽ اعجاز علي ڪئي رٽائرڊ فوجي تنظيم پيس ضلع دادو صدر فداحسين سولنگي عبدالڪريم منگي بخت علي جوڻيجو علي خان خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي هر ماڻهو جو جيئڻ سنڌو درياهه سان لاڳاپيل آهي سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ سنڌ سڪائڻ ۽ سنڌي ماڻهن کي مارڻ برابر آهي

بقايا 36

سائيڪل ريلي ڪڍي ريلي ۾ شامل ماڻهن پنجاب توسان جهيڙو آ پاڻي خاطر جهيڙو آ ۽ درياءَ بچايو. سنڌ بچايو پاڻي خاطر جهيڙو آ سنڌو درياءَ مان ڪئنال سمورا نامنظور جا اپ ڊارينڊڙ نعرا هڻي رهيا هئا ان موقعي تي شهري اتحاد جي اڳواڻن مولابخش عباسي محراب خان لاکير ۽ ٻين چيو ته سنڌو درياءَ مان 6 ڪئنالن وارو منصوبو

سنڌ سڪائڻ جي سازش آهي سنڌو درياءَ سنڌ واسين جو جياپو آهي جنهن جي مٿان ڪئنال اڏي سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي جيڪو ڪنهن به صورت برداشت نه ڪيو ويندو

بقايا 37

ڀٽو. ايس ٽي پي، قومي عوامي تحريڪ، عوامي تحريڪ، شهدادپور بار، سول سوسائٽي، ڊاڪٽرن، تاجرن توڙي مختلف تنظيمن سميت شهرين پاران هالا چوڪ کان پيادل احتجاجي ريلي ڪڍي مختلف چوڪن ۽ چوراهن کان ٿيندو پريس ڪلب شهدادپور آڏو ڌرڻو هنيو ويو، ان موقعي تي ايس ٽي پي جي ڳاهو شريف ڪلهوڙو، شبير ڪوري، وقار لغاري، جي ڊي اي اڳواڻ فقير حسين بخش خاصخيلي، شاهه جهان جوڻيجو پي ٽي آءِ اڳواڻ ذوالفقار نربان،منوچهر گجر، چوڌري راو ڪاشف، شهدادپور بار صدر آغا افتخار حسين، وڪيل فياض حسين خاصخيلي، خالد ظهور بيگ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته هٽ وٺي سنڌ کي تباهه ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار وفاقي سرڪار سان ڳٽ جوڙ ڪري سنڌ کي تباهه ڪري رهيا آهن. سنڌو درياءَ اسان جو جياپو آهي درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. اڳواڻن چيو ته وفاقي سرڪار ۽ سنڌ سرڪار سنڌ جي زمينن کي بنجر ڪرڻ لاءِ پنجاب جي ريگستان زمين کي سرسبز ڪرڻ لاءِ 6 نوان ڪئنال ٺاهي رهي آهي. اگر اهي ڪئنال ٺاهيا ويا ته سرسبز سنڌ جون زمينون بنجر بڻجي وينديون

بقايا 38

۾ ٽائون ڪميٽي جي گيٽ کان شهيد بلو پنهور چوڪ کان پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم تائين ريلي ڪڍي وئي احتجاجي اڳواڻن جو چوڻ هو ته اڄ 14 مارچ درياهن جو ڏينهن آهي اسان پنهنجي دريا مان ڪڏهن به ڪو غير قانوني ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين ڪئنال ڪڍي سنڌ دشمني ڪرڻ نه ڏينداسين جيڪڏهن ڪئنال ڪڍيا ويا ته سنڌ بنجر ٿي ويندي لاڙ وارا علائقا سمنڊ اندر اچي ويندا پاڻي اسان جو جيئاپو آهي اسان پنهنجو جياپو کسڻ نه ڏينداسين

آفيس آف دي
پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
(پروجيڪٽ مينجمينٽ يونٽ)
پريزنز ڊپارٽمينٽ سنڌ

ڪيمپ آفيس، بمقام سينٽرل جيل، ڪراچي

SINDH PRISONS

No.TC/PD/PMU/TENDERS/2024-25/4660, Karachi Dated: 12-03-2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

پروڪيورنگ ايجنسي هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ پي پي آر اي رولز 2010(ترميم شده) جي مطابق سنگل اسٽيج_ ٽوانوليپ طريقيڪار تحت جيڪا گهربل آهي، ڌار ڌار پيڪيجز لاءِ لاڳاپيل ڪيٽيگري ڪوڊز ۾ C4 PEC سان گڏ هيٺ ڏنل معيار اهليت ۽ بڊنگ دستاويز تي پورو لهندڙ سڄي ساک رکندڙ فرمن/ ڪنسٽرڪٽرز سان ڇاڻايل ٽينڊر دستاويزن تي مهر بند ٽينڊر گهربل آهن

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ٽينڊر فيس	تڪميلي مدو	بڊ سيڪيورٽي	جاري ڪرڻ جي تاريخ	آڇون جمع ڪرائڻ جي تاريخ	پهريون پيرو (آڇون کولڻ جي تاريخ)	ٻيون پيرو (موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾)
01	ووميـن جيل ۽ سي ايف، حيدرآباد جي خصوصي مرمت ۽ مينٽيننس (ADP No.1384 of 2024-25)	3000	12 مهينا	5%	14-03-2025 کان 03-04-2025 (آفيس وقت دوران)	04.03.2025 صبح 10:30 وڳي	04.03.2025 صبح 11:30 وڳي	21-04-2025 صبح 10:30 وڳي
02	ڊي آءِ جي جيل سکر ريجن جي رهائشگاهه جي تعمير ايٽ سکر (ADP No.1416 of 2024-25)	3000	12 مهينا	5%				

هدايتون:_

1. ٽينڊر دستاويز پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (پي ايم يو) پريزنز ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي جي هق ۾ مٿي ڄاڻايل ادائيگي (ناقابل واپسي) تي آفيس پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (پي ايم يو) پريزنز ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي حاصل ڪري سگهجن ٿا يا ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ يعني https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
2. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (پي ايم يو) پريزنز ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي جي حق ۾ پي آرڊر/ ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ مٿي ڄاڻايل بڊ سيڪيورٽي سان گڏ ڄاڻايل ٽينڊر دستاويز تي مهر بند ٽينڊرز. کولڻ جي تاريخ تي ڪنهن به قسم جي غير متوقع صورتحال جي ڪري آفيس بند هجڻ جي صورت ۾ يا حڪومت طرفان موڪل جي اعلان ڪرڻ واري صورت ۾ ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا. بڊسيڪيورٽي منسلڪ نه هجڻ بنا ٽينڊر غور هيٺ نه آندا ويندا.

01: اهليت لازمي معيار براءِ واڪ ڊيندڙ:

i. ڪم جي مطابق لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ اسپيشلائزڊ ڪوڊز ۾ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل مان جون 2025 ۽ ان کان اڳ تائين قابل معياد رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.
ii. حڪومت سنڌ طرفان جاري ڪيل قابل معياد اليڪٽريڪل لائسنس رکندڙ هجن.
iii. گذريل پنجن سالن دوران ڪيل ساڳئي نوعيت جي ڪم ۾ تجربو: تڪميل جي سرٽيفڪيٽ جي باقاعده تائيد سان گڏ ڪم جي ڪٿيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 80% لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙي نوعيت جو ڪم يا ڪم جي ڪٿيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 50% لاڳت جا گهٽ ۾ گهٽ ساڳئي نوعيت جا ٻه ڪم.
iv. فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرز ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جا تفصيل.
v. اوسط طور ساليانو مالياتي ٽرن اوور، گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم/پروجيڪٽ جي لاڳت جي برابر کان گهٽ نه هجي.
vi. (آءِ سي اي پي) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل ٽن سالن جي ساليانو آڊٽ شده رپورٽس_ آءِ سي اي پي کان علاوه ڪنهن به ٻئي کان جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي يا آڊيٽرز جي اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان پينل جي فهرست ۾ اي ڪيٽيگري.
vii. هن جي ملڪيت/ڪرائي داري جا دستاويزي ثبوت دستياب مشينري ۽ ايڪوئپمنٽس جي فهرست سان گڏ.
viii. گذريل ٽن سالن جي بينڪ اسٽيٽمينٽ سان گڏ ڪٿيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 15% ڪريڊٽ جي حد ظاهر ڪندڙ بينڪ جو سرٽيفڪيٽ ۽ گذريل ٽن سالن لاءِ پهرين جولاءِ کان 30 جون تائين شروع ٿيندڙ هر سال لاءِ ڌار ڌار فراهم ڪيل ۽ ويجهر وارو بينڪ سرٽيفڪيٽ لازمي منسلڪ ڪيو وڃي جنهن ۾ بيلنس دستياب هجي.
ix. فيڊرل بورڊ آف روينيو سان گڏ فعال حيثيت سان انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ مان رجسٽريشن (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽس).
x. گذريل ٽن سالن جو ساليانو انڪم ٽيڪس ريٽرن.
xi. رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ بابت سنڌ روينيو بورڊ حڪومت سنڌ (ايس آر پي) سرٽيفڪيٽ (فعال حيثيت رکندڙ)
xii. ٽيڪنيڪل پروپوزل جو هر صفحو هن جي مهر سان گڏ ڪمپني جي مالڪ/سي اي او/ فرم جي هيڊ طرفان نمبر شده ۽ تصديق شده لازمي هجي.

2. **پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار (هڪ مرحلو ٻہ لفافہ)**
3. **واڪ/ ٽينڊر دستاويز:**

1. ڪانٽريڪٽ جا دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا SPPRA جي آفيشل ويب سائيٽ يعني https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/ تان ڊسي يا ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا _/3000 پاڪستاني رپيا ٽينڊرن جي في ۽ مٿي درج ڪيل بڊ سيڪيورٽي بشڪل ڪال ڊپازٽ جيڪو پاڪستاني شيڊول بينڪ مان (فرم جي نالي) جي اڪائونٽ تي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (پي ايم يو) پريزنز ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي جي حق ۾ جاري ڪيل هجي. آڇ/ٽينڊر سان منسلڪ ٿيل هجڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر شامل نہ ڪيا ويندا.
2. مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جانچ پڙتال لاءِ ،معيار جانچ پڙتال، ڏيلي معيار ها/نہ يا پاس/ فيل جي بنياد تي آهي. جيڪڏهن آڇ ڏيندڙ ڪنهن معيار يا ڏيلي معيار ۾ ها/نہ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو تہ هوا هل نہ هوندو/هوندي.
3. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/ شرڪت ڪرڻ وارن ڪانٽريڪٽرز/ فرمن ۽ انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگي ۾، جيڪي موجود رهڻ چاهيندا هجن کوليا ويندا. فرم جو نمائندو مالڪ جو سي اين آءِ سي جي ڪاپي سان گڏ جوڊيشل اسٽامپ پيپر تي باقاعده مجاز هجڻ ضروري آهي.
4. آڇون ٻن ڌار لفافن تي مشتمل سنگل پيڪيج تي مشتمل هجن. هرلفافو ڌار ڌار فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي ٻڌل هوندو ابهام کان بچڻ لاءِ لفافي تي واضح ۽ اپريل اکرن ۾ ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل لکيل هجڻ گهرجن.
5. کوليا ويندڙ ٽيڪنيڪل پروپوزل، فرمز جي ٽيڪنيڪي ڪواليفڪيشن لاءِ جانچيا ويندا. ٽيڪنيڪي طور تي ڪواليفائيڊ فرمز جون فنانشل آڇون/ پروپوزل تاريخ ۽ وقت جنهن متعلق اڳواٽ ڪواليفائيڊ ڪنٽريڪٽرز/ فرمز کي تحريري طور تي آگاهه ڪيو ويندو تي کوليا ويندا. ٽيڪنيڪي طور تي عدم موافق فنانشل آڇون/پروپوزلز ممڪن آڇ ڏيندڙ کي بنا کولي واپس ڪيا ويندا.
6. کلڻ واري تاريخ تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي ڪنهن ميمبر جي هيڊڪوارٽر کان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾ آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول موجب جمع ڪرايون ۽ کوليون وينديون.
7. جوائنٽ وينچر جي اجازت نہ هوندي.
8. سمورا دستاويز/ تفصيلات/ مشينري جي معلومات جي درست ۽ سچي هجڻ تي ٻڌل تازو حلفنامو ڪمپني/ فرم طرفان ڏنل معلومات/ سرٽيفڪيٽ ڪنهن بہ مرحلي تي جعلي/ ٽيمپرڊ ٿيل يا ڪوڙا ثابت ٿيڻ تي ڪمپني/ فرم بليڪ لسٽ ٿي ويندي.
9. جوڊيشل اسٽامپ پيپر تي مالڪ جي تفصيل ساڻ CNIC، نمائندي وٽ مالڪ کان شرڪت لاءِ جوڊيشل اسٽامپ پيپر تي اٿارٽي هجڻ گهرجي.
10. فرم جي صورت ۾ ڊائريڪٽرس/ پروپرائيٽرس يا ٻين لاڳاپيلن جي مڪمل تفصيل ساڻ پاور آف اٽارني. سول پروپرائيٽر هجڻ جي صورت ۾ اهڙو حلفنامو تازي اسٽامپ تي ڏيڻو پوندو.
11. اسٽامپ پيپر تي تازو حلفنامو تہ ڪانٽريڪٽرز/فرمز کي تڪرار جي هسٽري متعلق پروڪيورمينٽ جمع ڪرائڻ گهربل آهي.
12. تازو حلف نامو تي يقين دهاني تہ ڪانٽريڪٽرز/ ڪمپنيون/ فرمز ويجهر ۾ بليڪ لسٽ ڪيل سپلائرز جي فهرست ۾ موجود نہ آهن.
13. ٽينڊر مٿين گهربل دستاويز/ معلومات سان گڏ جمع ڪرايا وڃن. ڪنهن بہ دستاويز/ معلومات جي کٽل ٽينڊر تي پروڪيورنگ ڪميٽي طرفان غور نہ ڪيو ويندو ۽ ڪا بہ معذرت غور هيٺ نہ آندي ويندي.

4. **شرط ۽ ضابطا:**

a) هيٺين حالتن ۾ آڇ رد ٿي ويندي:
i) مشروط، اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ آڇون/ ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
ii) بڊ سيڪيورٽي جي گهربل رقم ۽ طريقي جي بنا آيل آڇون.
iii) مقرر ٿيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ آيل آڇون.
b) آڇ جو ڪارآمدي مدو 90 ڏينهن.
i) پروڪيورمينٽ اٿارٽي SPPRA رولز 2010 (هيلتائين ترميم شده) مطابق ڪنهن بہ يا سڀني ٽينڊرن/ آڇن کي رد ڪرڻ جوحق محفوظ رکي ٿي.

پروڪيورنگ ايجنسي، ايس پي پي رولز 2010 (ترميم شده 2019) جي لاڳاپيل شقن سان مشروط ڪنهن يا سمورين آڇن کي مسترد ڪرڻ جوحق محفوظ رکي ٿي ۽ ڄاڻايل رولزجي رول 25 تحت آڇون يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ ڪنهن بہ وقت بڊنگ ڪارروائي کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
پروجيڪٽ مينجمينٽ يونٽ
پريزنز ڊپارٽمينٽ سنڌ ،ڪراچي

INF-KRY:844/2025

پڙهندي سنڌ تہ ••••• وڌندي سنڌ

لياري ۾ 16 کان 18 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ، عوام جو جيئڻ جنجال، لياري عوامي محاذ جو مظاهرو

رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ به ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا پنهنجو رويو تبديل نه ڪيو: عيسيٰ بلوچ

لوڊشيڊنگ سبب لياري جي دڪاندارن جو ڪاروبار تباهه ٿي ويو آهي، صارفين ڏانهن 10 کان 15 هزار جا بل موڪليا پيا وڃن: عبدالخالق زدران

لياري جا رهواسي ڪيترن سالن کان بجلي جا بل ڀرڻ باوجود گئس سلينڊر استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن: صالح محمد هگورو

ڪراچي:(رپورٽ امداد سومراهه)لياري ۾ 16 کان 18 ڪلاڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

ڪراچي: بجلي بندش خلاف لياري عوامي محاذ پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

قاضي احمد ٻاءِ پاس تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي

قاضي احمد (ن پاڪ) قاضي احمد ٻاءِ پاس تي تيز رفتار ٽرالر/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

لاڙڪاڻي ۾ شهرين پاران جيل ۾ قيد نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي احسن ڪالوني /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

ڪشمور مان اغوا ٿيل هندو نوجوان بازياب نه ٿيو، پنچائت پاران هولي ڏينهن تي احتجاج، ڌرڻو

راجيش ڪمار ڪيسواڻي جي بازيابي لاءِ لچو چوڪ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي، نعريبازي

مغوي چئن مهينن کان ڌاڙيلن وٽ قيد ۾ آهي، پوليس ڪنهن به قسم جو تحرڪ ناهي ورتو: هندو پنچائت

سليم جان مزاري، علي جان مزاري کي اپيل آهي ته راجيش ڪمار جي بازيابي لاءِ فورن ڪردار ادا ڪري: مطالبو

ڪشمور:(رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) چار مهينا اڳ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل مغوي راجيش ڪيسواڻي جي بازيابي لاءِ هندو پنچائت جي سڏ تي هولي واري ڏڻ تي لچو چوڪ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي ان موقعي تي هندو پنچائت جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڌاڙيلن جي قيد ۾ موجود راجيش ڪمار ڪيسواڻي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

دريا خان مري ۾ هولي ڏڻ ملهايو ويو، هندو برادري جي ريلي

هندو برادري هڪ ٻئي کي رنگ هڻي نصرت واهه کان ريلي ڪڍي

هولي وارو ڏهاڙو اسان وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهيون: هندو برادري

دريا خان مري (ن پاڪ) دريا خان مري ۾ هندو برادري پاران پنهنجو رنگن ڀريو تهوار هولي وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي پيو وڃي هولي جي ڏهاڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا 5


دريا خان مري: هندو نوجوان هولي تي پاڻ کي رنگ هڻي خوشي جو اظهار ڪندي

ڪپرو ۾ هندو برادري پاران هولي ڏڻ ملهايو ويو، ريلي

اقليتن هڪ ٻئي کي رنگ هڻي راما پير مندر تائين ريلي ڪڍي

هولي وارو ڏينهن اسان وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهيون: اقليتي برادري

ڪپرو (چيتن سوني ڪپرو) ڪپرو ۾ هندو برادري پاران پنهنجو رنگن ڀريو تهوار هولي وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي پيو وڃي هولي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 6

شڪارپور لڳ جيئي سنڌ محاذ جو سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف قومي شاهراهه تي ڌرڻو

ڪارڪنن باغي صوبدار چانڊيو، عبدالصمد چانڊيو، احسان جيهو جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

صوبي اندر اڳ ئي پاڻي جي کوٽ آهي سنڌي ڪنهن به صورت ۾ سنڌو درياءَ تي قبضو قبول نه ٿيڻ ڏيندا: صوبدار چانڊيو

سنڌي قوم سجاڳ ٿي چڪي آهي ننڍا وڏا، عورتون، شاگرد، قوم پرست، مذهبي، ڏريون، وڪيل، آبادگار، هاري هڪ پيج تي بيٺا آهن: خطاب

شڪارپور (رپورٽ مير امتياز علي مري) درياهه جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان سنڌوءَ مٿان غير قانوني ڪئنالن خلاف جيئي سنڌ محاذ /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز جي صدارت هيٺ اجلاس

درياهه جي ڪچي واري زمينن جو رڪارڊ مڪمل ڪرڻ جي هدايت

سرڪاري زمينن تان قبضا هٽائڻ لاءِ ڪاتن کي چيڪ ڪيو وڃي: ڊي سي

نوشهروفيروز (ڊ ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز لياقت علي لنڊ جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس اڄ سنڌس آفيس ۾ ٿي گذريو اجلاس /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

نوشهروفيروز: ڊي سي صدارت ۾ سرڪاري زمينن تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ اجلاس ٿي رهيو آهي

نيو سعيد آباد ۾ ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو

مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ۽ اديبن بينظير چوڪ کان ريلي ڪڍي نعرا هنيا

سنڌ ۾ اڳ پاڻي جي کوٽ آهي، پنجاب ڌاڍ تي ڪئنال ڪڍي رهيو آهي: مظاهرين

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد ۾ سنڌو درياءَ مان غيرقانوني ڪينال ڪڍڻ خلاف ايس يو پي سميت مختلف/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

ساس قاضي احمد پاران درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج

اسان هرگز سنڌ جو پاڻي پنجاب کي نه ڏينداسين: رياض مشوري

پنجاب کي فورن هوڏ تان لهڻو پوندو، عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي: خطاب

جمال شاهه : (احسان جمالي) سنڌي ادبي سنگت شاخ قاضي احمد پاران رياض مشوري، شتاب زرداري ۽ علي دوست خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف پاران ڪئنالن خلاف ريلي

ريلي جي اڳواڻي گلزار ڪلهوڙو پاڻائي منظور علي جوڻيجو ۽ خالد حسين منگي

درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت قبول ناهي مزاحمت ڪنداسين: اڳواڻن جو خطاب

پاٽ شريف (ن پاڪ) سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف/ڏسو صفحو 2 بقايا 31

احتجاج
احتجاج
سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف
احتجاجي ريلي
پاران: سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف
پاٽ شريف: ساس پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاجي ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو جي ڪچي ۾ ٻن ڌرين ۾ زمين تان جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي

علائقي بکري ۾ ڪلهوڙا برادري جي ماڻهن ۾ جهيڙو ٿيو، ايم آصف زخمي

فائرنگ واقعي بعد علائقي ۾ خوف ڇانئجي ويو، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪنڊيارو(ن پاڪ) ڪنڊيارو جي ڪچي ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينا زمين تڪرار تان جهيڙو،فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي، ڪمالديرو/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

ڪنڊيارو ۾ جي يو آءِ پاران تڪراري ڪئنالن خلاف مظاهرا

شهر جي مختلف مسجدن ٻاهران ڪارڪنن جو احتجاج، نعريبازي

درياهه تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين: مولانا حسين

ڪنڊيارو (آزاد گوپانگ) جي يو آءِ جي مرڪزي سڏ سنڌو درياءَ تي تڪراري ڪئنال اڏڻ خلاف ڪنڊيارو شهر جي مختلف مسجدن ٻاهران احتجاجي /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

جي يو آءِ جي بداڻي ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف ريلي

وفاق سرڪار کي سنڌ دشمن رٿا تي ڪنهن به ريت عمل ڪرڻ نه ڏنو ويندو:منير احمد

تڪراري ڪئنالن جو منصوبو واپس نه ويو ته احتجاج کي سخت ڪيو ويندو:چناءُ

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ سنڌو درياءَ مان ڪينال ڪڍڻ خلاف سموري سنڌ جيان بداڻي شهر ۾ به احتجاج /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

سچل سرمست رحه جو عرس شروع، وڏي وزير مراد علي شاهه افتتاح ڪري ڇڏيو

سجاده نشين خواجه عبدالحق فاروقي درگاهه جي خاص خليفن، مريدن سان گڏجي سچل سائين جي مزار کي عرق گلن سان غسل ڏئي پڙ چاڙهيو

سجاده نشين سچل جي صوفي راڳين سان سنگ جي صورت م واپس حويليءَ پهتو، جنهن بعد درگاهه کولي وئي

عرس جي تقريبن جي حوالي سان سيڪورٽي جا غير معمولي انتظام، زائرين جي جامع تلاش بعد ڇڏيو پيو وڃي

مراد علي شاهه ۽ سجاده نشين درگاهه سچل سرمست تي چادر چاڙهي تقريبن جو افتتاح ڪيو، سنڌ جي ولين سدائين انسانيت جو درس ڏنو آهي: وڏو وزير

راڻيپور(رپورٽ: ماجد ملاح) "حق موجود، سدا موجود، "گهڻ زبانن جي شاعر عظيم صوفي بزرگ /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

راڻيپور:سچل سرمست جي مزار کي غسل ڏنو پيو وڃي، ٻي پاسي وڏو وزير ۽ گادي نشين حاضري ڀرڻ کان پوءِ دعا گهري رهيا آهن

رورل هيلٿ سينٽر ور جي ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف پاران ڪئنال ڪڍڻ خلاف ريلي

اسپتال کان پريس ڪلب ور شهر تائين ريلي نڪتي، صحافين جي به شرڪت، نعريبازي ٿي

سنڌو درياهه اسان جي ايندڙ نسلن جو مستقبل آهي، قبضو ڪيو ويو ته ڪجهه به نه بچندو: اڳواڻ

سنڌ جي 90 سيڪڙو آبادي جو دارومدار زراعت تي آهي، ڪا به سودي بازي قبول ناهي: ڊاڪٽر ساجد

گهوڙاٻاري (شاهه خالدڏاتاري) رورل هيلٿ سينٽر ور جي ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف سنڌو/ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ڪڪڙ ۾ ساس جي مرڪزي سڏ تي تڪراري ڪئنالن خلاف ريلي

وفاق سنڌو غير قانوني ڪئنال ڪڍي چولستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جون ذرخيز زمينون ڀڙيانگ بڻائڻ چاهي ٿو: مارو جمالي

اڳ ئي پاڻي جي اڻاٺ آهي ڪئنال نهي ويا ته وڌيڪ صورتحال خراب ٿي ويندي، وڏو انساني الميو جنم وٺي سگهي ٿو: مهراڻ تگر

ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين، درياهه کي بچائڻ لاءِ آخري ساهه تائين جدوجهد جاري رهندي: سجاد يوسف

ڪڪڙ (غلام نبي نائچ)ڪڪڙ ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ /ڏسو صفحو 2 بقايا 36

سکر ۾ اسمال انڊسٽريز ملازمن جو 25 ڏهاڙي به احتجاج

پگهارون نه ٿيڻ ڪري گهرن ۾ فاقن واري صورتحال آهي: عبدالقيوم ڪوسو

مسئلو حل نه ٿيو ته سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻو هڻي پاڻ ساڙينداسين: اختيار علي

سکر(بيورو رپورٽ) اسمال انڊسٽريز ڪارپوريشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

ملير(ڊ ر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي ڪئمپ /ڏسو صفحو 2 بقايا 37

مٽياري ۾ قومپرستن ۽ سياسي پارٽين جون درياهن جي ڏهاڙي تي ريليون

سنڌ جي درياهه تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو، سي ايم سنڌ پنهنجي اخلاقي ساک وڃائي ويٺو آهي: فيصل مستوئي

سنڌو اسان جي ايندڙ مستقبل جو جياپو آهي، وفاق پاران ڪسڻ جي ڪوشش آهي جنهن ۾ سنڌ جي حڪمران جماعت کي ملوث سمجهون ٿا:عرفان چانڊيو

جلد سنڌ حڪومت ڪئنالن بابت پيش ڪيل قرارداد جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ٻي صورت سنڌ سموري ۾ احتجاجي تحريڪ هلندي

مٽياري (رپورٽر فدا حسين شيخ) دريائن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان مٽياري ۾ مختلف قوم /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

سانحه جعفر ايڪسپريس کے شهداءِ اور زخميوں سے اظهار
عقيدت اور دفاعي ادارون سے اظهار يڪجهتي ريلي
14 مارچ بروز جمعه صبح 11 بجے
چيئرمين ابراهيم حيدري ٹائون جناب نذير احمد ڀٽو
کي هدايت پر ايڪ ريلي کا انعقاد کيا گيا ہے
نذير احمد ڀٽو
سليم الله اوڍهو
ملير: ٽائون چيئرمين ابراهيم حيدري جي اڳواڻي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

درياهن جي عالمي ڏينهن تي ابراهيم حيدري ۾ تقريب، ريلي

درياهه مان ڪئنال ڪڍيا ويا ته سنڌ بنجر ٿي ويندي: مهراڻ علي

وفاقي حڪومت هميشه تڪراري فيصلا ڪيا آهن: تقريب کي خطاب

ملير(ڊ ر) پاڪستان فشر فوڪ فورم سنڌو درياءَ تي 6 نوان ڪينال ٺاهڻ جي منصوبي جي سخت مذمت ڪندي خبردار ڪيو آهي ته ان منصوبي /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

سجاول ۾ درياهن جي عالمي ڏهاڙي تي صحافي، وڪيل ۽ سياسي سماجي اڳواڻ روڊ تي اچي ويا

ريلي جي اڳواڻي حافظ سعدالله ميمڻ، اسماعيل سرويچ، وڪيل لياقت جماري، حسين آزاد، اياز امر شيخ، حاجي مظفر لغاري ۽ ٻين ڪئي

پنجاب جي ريگستانن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي زرخيز زمينن کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين: لياقت جمالي

سنڌو درياهه ۾ واري اڏامي رهي آهي ۽ ڪئنالن جي تعمير بعد صورتحال وڌيڪ خراب ٿيندي: حسين آزاد

سجاول (رپورٽر) دريائن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

گهوڙا ٻاري: رورل هيلٿ ور جو عملو ڪئنالن خلاف احتجاج ڪندي

ڪڪڙ ۾ مختلف پارٽين جي سڏ تي ريلي

وفاق کي ڌاڍ جي زور تي سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ نه ڏنا ويندا: ايم اقبال

سنڌو درياهه کي بچائڻ لاءِ آخري ساهه تائين جدوجهد جاري رکي ويندي: خطاب

ڪڪڙ (ن پاڪ)ڪڪڙ ۾ درياءَ جي عالمي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ مختلف تنظيمن، قومپرستن جي ڪيل اعلانيل جي سڏ تي سنڌو درياءَ مٿان/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

دڙي ٽائون چيئرمين پاران يونين ڪميٽي 01 ۽ 03 جي رهواسين کي افطار پارٽي ڏني وئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي اڳوڻي گهرو صوبائي وزير سهيل انور سيال جي ڀاءُ دڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال طرفان/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

ميهڙ جي صحافين پاران تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاجي ريلي

قلم ڏٽين گهنٽا گهر چوڪ کان ريلي ڪڍي، ڪئنالن خلاف نعريبازي

ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي، فيصلو واپس ورتو وڃي: صحافي

ميهڙ(ن.پ)سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ خلاف ميهڙ پريس ڪلب پاران گهنٽا/ڏسو صفحو 2 بقايا 10

ڪراچي اوير ۾ درياهن جي عالمي ڏڻ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ريلي

ريلي ۾ ايس يو پي، سياف، عوام جمهوري پارٽي، ايس ايس او، پي ٽي آءِ، اين پي پي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شرڪت

سنڌو دريا تي ڌاڙي خلاف سنڌ جو شعور جاڳي چڪو آهي (ستار ڏاهري) پنجاب مسلسل سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو هڻي رهيو آهي:گلاب راءِ

پاڻي تي ڌاڙي ۾ پنجاب سان گڏ پيپلز پارٽي به برابر جي شريڪ آهي(غلام قمبر حاجاڻو) پاڻي خاطر جانين جو نذرانو به ڏئي سگهون ٿا: آفتاب گوپانگ

ڪراچي اوير(ن پاڪ) ڪراچي سنڌو درياءَ جي عالمي ڏهاڙي تي درياءَ تي ڌاڙي خلاف ۽ درياءَ کي پيئڻ ڏيڻ لاءِ مختلف پارٽين ايس يو پي جي ستار ڏاهري غلام مصطفيٰ چانڊيو سياف اڳواڻ وقار چوليائي ,عوامي جمهوري پارٽي جي محمد جمن ٿنيو غلام قمبر حاجاڻو لعل محمد چانڊيو , ايس ايس او جي اڳواڻ گلاب راءِ , /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن پاران جعفر ايڪسپريس جي شهيدن ۽ پاڪ فوج سان اظهار لاءِ ريلي

ملير (ڊ ر) ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن پاران سانحي جعفر ايڪسپريس جي شهيدن ۽ پاڪ فوج سان اظهار يڪجهتي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

باڊهه ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف مختلف ڌرين پاران الڳ الڳ ريليون

صحافين ۽ ٻين سياسي سماجي ڌرين جي سڏ تي ريليون پڻ نڪتيون

سنڌو درياهه اسان سنڌين جي ساهه جي رڳ آهي، ڀرپور حفاظت ڪبي: اڳواڻ

باڊهه:(رپورٽر) باڊهه ۾ ڌرتي ڏٽي روڊ تي نڪري آيا، ڪئنالن خلاف اي ڌاريندڙ نعريبازي ڪئي، دريائن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي باڊهه ۾ ايس ٽي پي، ايس يو پي، جسقم، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ سڀا، پ پ شهيد ڀٽو ,سميت مختلف سياسي سماجي ادبي تنظيمن سان لاڳاپيل شهرين جهنڊا، بينر، پلي ڪارڊ کڻي ڌار/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

پ پ تعلقي ڪنڊيارو جي گڏجاڻي، سنڌو مٿان ڪئنال اڏڻ جو فيصلو رد

مرتضيٰ شاهه جي صدارت ۾ سيد هائوس تي ٿيل گڏجاڻي ۾، قاري عبدالحڪيم گهانگهرو، محبوب ابڙو ۽ ٻين جي شرڪت

اجلاس ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 46 ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ صلاح مشورن بعد متفق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو

سنڌ سرڪار پارٽي منشور توڙي اليڪشن دوران ڪيل واعدن کي پاڙڻ لاءِ ڀرپور ڪم ڪري رهي آهي: سرفراز حسين

ڪنڊيارو (ن پاڪ) ڪنڊيارو ۾ پي پي پي تعلقي ڪنڊيارو جي گڏجاڻي،سنڌو درياءَ تي ڪينالن جو فيصلو رد,شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 46 ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ صلاح مشورا,ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهه ۽ ٽائون /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

چيئرمين يوسي شهلي نظاماڻي ماما قادر ڪلوئي جي نياڻي لاڏاڻو ڪري وئي

شهدادپور(ن پاڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ چيئرمين يوسي شهلي نظاماڻي ماما قادر ڪلوئي جي نياڻي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي/ڏسو صفحو 2 بقايا 16

لاڙڪاڻي ۾ به هولي جو ڏڻ انتهائي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ به هولي جو ڏڻ انتهائي /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

سنڌ فشرمين ويلفيئر آرگنائيزيشن
SFWO
ڪي اين شاهه: سنڌ فشرمين ويلفيئر آرگنائزيشن جي اڳواڻن جي ٿيل گڏجاڻي جو ڏيک

خيرپور ناٿن شاهه لڳ نوجوانن جي نوان ڪئنالن خلاف ريلي

ريلي جي اڳواڻي دريا خان، يونس پرڳڙي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو ڪنهن به ريت قبول نه ڪيو ويندو: دريا خان

خيرپور ناٿن شاهه(قربان علي ٻگهيو) ڳوٺ يار محمد پرڳڙي جي نوجوانن ڪامريڊ سجاد پرڳڙي، ڪامريڊ دريا خان، يونس پرڳڙي ۽ AJپرڳڙي/ڏسو صفحو 2 بقايا 26

”ڪئنال نامنظور“ ڪي اين شاهه ۾ معصوم شاگردن جي ريلي

پاڻي تي ڌاڙو ۽ زمينن تي والار ڪنهن به ريت قبول ناهي: شاگرد

حڪمران پنهنجا ڪيل غلط فيصلا واپس وٺن، ٻي صورت ۾ سنڌن گهيراءُ ڪبو

خيرپور ناٿن شاهه(قربان علي ٻگهيو) سنڌو مان 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف پوري سنڌ جيان خيرپور ناٿن شاهه ٻري پئي حڪمرانن خلاف ڇتي نعريبازي/ڏسو صفحو 2 بقايا 25

شهدادپور ويجهو واپاري کان 25 لک رپيا ڦر

هٿيار بندن عبدالجبار پاٽوجو کي يرغمال بڻائي رقم ڦري

پوليس امن ڪرائڻ بجاءِ سماجي برايون هلائڻ ۾ رڌل آهي: متاثر واپاري

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

غوثپور ۾ ٻئي ڏهاڙي به هولي جون تقريبون

شيوادارين آيل سيني عقيدتمندن کي هولي جو ڳاڙهو رنگ هڻي خوشي جو اظهار ڪيو

ديوانن هڪٻئي کي مٺايون کارايون ۽ خوشي ۾ جهمريون پاتيون

غوثپور(حاجي شاهنوازشيخ) غوثپور جيان سڄي سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

ميهڙ پرسان ڌوهارين هٿان زخمي ٿيل پوليس اهلڪار دم ڏئي ڇڏيو

اهلڪار زاهد ٿنيو لاڙڪاڻي ٽراما سينٽر ۾ زندگي جي جنگ هارائي ويو

اباڻي ڳوٺ منجهڻ ۾ جنازي نماز ادا، شهرين ۽ پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي

ميهڙ(رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ جي فريد آباد روڊ تي /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

دادو ۾ يوسي سيڪريٽري ۽ ڪلارڪ ۾ جهيڙو، لتن مُڪن جو وسڪارو

يوسي پڪا سيتا جي سيڪريٽري ۽ يوسي پاٽ جي ڪلارڪ ۾ رڪارڊ تان جهيڙو ٿيو

سيڪريٽري ڪلارڪ کي ڪن ۾ چڪ هڻي رت ڪيدي ڇڏيو، ڪلارڪ جو احتجاج

دادو:(ڊ ر) دادو ۾ يونين ڪائونسل جو سيڪريٽري /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

دادو ۾ مختلف ڌرين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

شيعا علماءِ ڪائونسل ۽ شهرين ڊي سي آفيس کان ريلي ڪڍي

جوانن وڏي بهادري جو مظاهرو ڪري حملي کي ناڪام بڻايو: اڳواڻ

دادو(ڊ ر) بلوچستان ۾ جعفر ايڪسپريس ٽرين تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ڪي اين شاهه ۾ درياهن جي عالمي ڏينهن تي سنڌ فشر مين ويلفيئر آرگنائزيشن جي گڏجاڻي

سنڌو درياهه سان نينهن نڀائڻ، تڪراري ڪئنال منصوبو واپس وٺڻ جي گهر

سنڌ طاس ٺاهه تي عمل ڪري سنڌ جي پڇڙي تائين پاڻي پهچايو وڃي: ممتاز ملاح

خيرپور ناٿن شاهه(قربان علي ٻگهيو) درياهن جي عالمي/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

اي سي ڪي اين شاهه جو سماجي تنظيم جي آفيس تي ڇاپو

ڪجهه ثبوت مليا آهن جن تي جلد ڪاروائي ڪئي ويندي: محسن رضا

عوامي شڪايتن تي ٽرڊيپ جي آفيس تي ڇاپو هنيو: اسسٽنٽ ڪمشنر

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاهه محسن رضا دشتي جو ٽرڊيپ آفيس/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

قاضي احمد لڳ ٻه معصوم سڳا ڀائر سنڌو درياهه ۾ ٻڏي فوت، مڙهه نه مليا

آمري پل وٽ نون ورهين جو آڪاش ۽ 12 رهين جو پرڪاش پٽ پرنا باگڙي پير ترڪڻ سبب سنڌو درياهه ۾ ڪري پيا

اطلاع تي وارثن ۽ علائقي واسين پهچي معصومن جي لاشن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي، انتظاميه نه پهتي

درياهه جي ڀرسان ڇانهي جو فصل ڪاهيو هو اتي ئي رهندا آهيون: فوتي ٻارڙن جو والد پرنا باگڙي

قاضي احمد(رپورٽ غلام حسين راهو قاضي احمد لڳ آمري/ڏسو صفحو 3 بقايا 4

قاضي احمد: درياهه ۾ ٻڏي ويل معصوم ٻارن جون تصويرون

قاضي احمد ۾ شيعا تنظيمن جي ڪئنالن خلاف ريلي

ريلي امام بارگاهه شاهه نجف کان نڪتي نعريبازي پڻ ڪئي وئي

تڪراري ڪئنالن وارو مسئلو ترت رد ڪيو وڃي: حسين ساجدي

قاضي احمد(غلام حسين راهو) سنڌو درياهه تي ڪينال ٺاهڻ خلاف مرڪزي امام بارگاهه شاهه نجف قاضي احمد کان تعلقه پريس ڪلب تائين احتجاجي/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

سکر جو ممتاز عالم دين مولانا سيد عالم شاهه موسوي مختصر علالت بعد وفات ڪري ويو

سکر(بيورو رپورٽ) شهر سان واسطو رکندڙ نامور ۽ ممتاز عالم دين مولانا سيد عالم شاهه موسوي مختصر/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

سکر ۾ مرڪزي سڏ تي صحافين جي ڪئنالن خلاف ريلي

ظهير لوڌي جي اڳواڻي ۾ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

عوام جي اعتراضن کي نظر ۾ رکندي ڪئنال ٺاهڻ وارو منصوبو رد ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ۽ ڪراچي يونين آف جرنلسٽس پاران سنڌو درياهه تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

شهدادپور ۾ بائيو ميٽرڪ مانيٽرنگ آفيسر بيت الخلا ويل استاد کي غير حاضر ڄاڻائي ڇڏيو

گورنمينٽ پرائمري اسڪول مبين فقير ڪيريو ۾ واقعو پيش آيو، استاد جي واپس پهچڻ تي عملدار پاران تذليل

ڪئي عمل جي پ ٽ الف پاران سخت لفظن ۾ مذمت، ناجائز ڪندڙ ڪاموري خلاف ڪارروائي جو مطالبو

باٿ روم ۾ ويل هيس پويان مانيٽرنگ آفيسر پهتو ٻارن جي ٻڌائڻ باوجود ٻارن کي اسڪول مان ٻاهر ڪڍي فوٽو ڪڍي مون کي غير حاضر ڪيو: صدورو ڪيريو

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ۾ باٿ روم ۾ ويل پرائمري اسڪول جي حاضر استاد کي بائيو ميٽرڪ جي حاضري ڪرڻ لاءِ پهتل مانيٽرنگ آفيسر ويل ٻارن کي اسڪول کان ٻاهر ڪڍي استاد کي غير /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

فريد آباد ۾ تڪراري ڪئنالن خلاف جسقم جو پيادل مارچ، نعريبازي

مارچ ۾ سياسي-سماجي علمي ادبي-شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌو درياهه مٿان تڪراري ڪينال ٺاهي سنڌ کي سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي:عاشق سولنگي

سنڌو درياهه مان پاڻي نه ايندو ته سنڌ جون زمينون بنجر ٿي وينديون ۽ سنڌ سڪي ويندي:نادر چانڊيو

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) سنڌو درياهه مٿان تڪراري ڪينال نامنظور-جسقم بشير /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

گهارو ۾ جسقم ۽ پ پ شهيد ڀٽو پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاجي مظاهرو

گلزار شاهه، عادل شاهه، لقمان ڪاتيار، شبير عباسي جي اڳواڻي ۾ سخت نعريبازي

سنڌو درياهه سنڌ جو جياپو آهي، ڪئنال ڪڍيا ويا ته پاڻي جو ڦڙو به نه پهچندو: لقمان ڪاتيار

چاهه ٿي پئي ڪنهن کي به درياهه تي قبضو ڪرڻ هرگز نه ڏينداسين، نظرثاني ڪئي وڃي: اڳواڻ

گهارو (ن پاڪ) سڄي سنڌ جيان گهاري شهر ۾ پڻ دريائن جي عالمي ڏينهن تي سنڌو درياءَ مان وفاق پاران 6 نوان ڪينال ڪڍڻ خلاف جسقم ۽ پ پ شهيد ڀٽو پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جسقم اڳواڻن گلزار شاهه,عادلل /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ڪي اين شاهه: بينظير پروگرام جي رقم وٺڻ جي لاءِ سينٽر ٻاهران ماڻهن جي رش لڳل آهي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي